روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اڱارو 28 مارچ 2023ع بمطابق 06 رمضان المبارڪ 1444هه (قيمت 10 روپيا) شمارو 304

نوازشريف واپسي لاءِ منهنجي قتل يا نااهلي جو انتظار ڪري رهيو آهي: عمران خان

جيڪڏهن اڄ نامعلوم پوئتي هٽي وڃن ته هي حڪومت ختم ٿي ويندي. هي پنهنجا امپائر بيهاري ڪيڏڻ کي ليول پليئنگ فيلڊ چون ٿا

خواهش ته اها آهي ته راڻا ثناءُالله ۽ آئون ٻئي رهون پر جيڪڏهن هو چئي رهيو آهي ته ٻنهي مان هڪ رهندو ته ڪيس ٻڌائي ٿو ڇڏيان ته هو نه رهندو

جيڪڏهن اڄ نامعلوم ماڻهو پوئتي هٽي وڃن ته هي حڪومت ختم ٿي ويندي، تو بر تائين معاشي بحران وڌيڪ سخت ٿي ويندو

پنهنجا امپائر بيهاري ڪيڏڻ ئي ليول پليئنگ فيلڊ آهي، نوازشريف ان انتظار ۾ ويٺل آهي ته مون کي قتل يا نااهل ڪيو وڃي ته پوءِ ملڪ واپس موٽان

ڇا اوهان هن سيڪيورٽي مان مطمئن آهيو؟ (صحافي جو سوال) سيڪيورٽي ته آهي ئي ڪونه، سيڪيورٽي ته صرف پنهنجي آهي: پي ٽي آءِ سربراهه

پاڪستان ۽ عوام کي سياسي مفاهمت ۽ سياستدانن سان ڳالهين جي ضرورت آهي (صحافي) ان تي نٿو ڳالهائڻ چاهيان: صحافي کي عمران خان جو جواب

اسلام آباد (رپورٽ) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان چيو آهي ته جيڪڏهن اڄ نامعلوم پوئتي هٽي وڃن ته هي حڪومت ختم ٿي ويندي. هي پنهنجا امپائر بيهاري ڪيڏڻ کي ليول پليئنگ فيلڊ چون ٿا. نوازشريف انتظار ۾ ويٺل آهي ته مون کي نااهل ڪيو وڃي يا قتل ڪيو وڃي ته ان کان پوءِ واپس ايندو. اڳوڻي وزيراعظم اليڪشن ڪميشن پاران چونڊون ملتوي ڪرڻ جي سببن کي غلط قرار ڏئي ڇڏيو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: تحريڪ انصاف سربراهه عمران خان پيشي دوران صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

عمران خان راڻا ثناءُالله جي بيان بابت درخواست اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م د) تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان گهرو وزير راڻا ثناءُالله جي بيان بابت درخواست اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪري ڇڏي. درخواست ۾ وفاق، آءِ جي اسلام آباد ۽ ايس ايس پي آپريشن کي ڌر بڻايو ويو آهي. عمران خان پنهنجي موقف ۾ چيو آهي ته راڻا ثناءُالله هڪ انٽرويو ۾ ڌمڪيون ڏنيون آهن. ڌرين کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

صوبائي چونڊن وارو معاملو، جيستائين ڌريون راضي نه ٿينديون، هوا ۾ ڪو به فيصلو نٿا ڪري سگهون: چيف جسٽس

اليڪشن شيڊول اٺ مارچ تي جاري ڪيو ويو هو، اليڪشن ڪميشن وٽ چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو اختيار ئي نه هو: پي ٽي آءِ جو وڪيل

گورنر ڪي پي ڪي سپريم ڪورٽ جي حڪم باوجود اليڪشن جي تاريخ نه ڏني، صدر اليڪشن ڪميشن سان صلاح مشوري کانپوءِ صوبائي چونڊن لاءِ 30 اپريل جي تاريخ ڏني

سپريم ڪورٽ نوي ڏينهن اندر چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو حڪم ڏنو هو، اسيمبلي ٽٽڻ جي 90 ڏينهن کانپوءِ چونڊن جي تاريخ ڏئي ڪري به توهين عدالت ڪئي وئي: بيرسٽر علي ظفر

فنڊ نه هئڻ جي ڪارڻ کي قبول ڪري وٺون ته پوءِ ڪڏهن به چونڊون نه ٿينديون، معاملو رڳو عدالت جي حڪم تي عمل جو ناهي: پي ٽي آءِ جو وڪيل

ٻن صوبن جي اليڪشن جو معاملو هڪ هاءِ ڪورٽ نٿي ٻڌي سهگي، سپريم ڪورٽ پنهنجو اختيار استعمال ڪندي فيصلو ڪري چڪي آهي

آرٽيڪل 254 آئين ۾ ڏنل مدي کي تبديل نٿو ڪري سگهي، آرٽيڪل 254 آئين جي ڀڃڪڙي جي اجازت نٿو ڏئي: ٻڌڻي دوران چيف جسٽس جا ريمارڪس

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ چونڊن جي تاريخ بابت درخواست تي ٻڌڻي دوران چيف جسٽس پاڪستان عمر عطا بنديال رمارڪس ڏيندي چيو آهي ته سڀ کان اهم سوال اهو آهي ته ڇا اليڪشن ڪميشن صدر پاران اعلانيل تاريخ ۾ ڦيرڦار سگهي ٿي. پاڪستان تحريڪ انصاف جي درخواست تي چيف جسٽس پاڪستان جي سربراهي ۾ پنج رڪني لارجر بئنچ ٻڌڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: چيف جسٽس عمر عطا بنديال ۽ فل ڪورٽ جي ٻڌڻي ڪندڙ جج (فائيل فوٽو)

پاٽمرادي نوٽيس جي اختيار بابت فل ڪورٽ ذريعي پاليسي ٺاهڻي پوندي: سپريم ڪورٽ جا جج

پاٽمرادو نوٽيس 44 ججن رد ڪيو، آرڊر آف ڪورٽ 3_4 جو فيصلو آهي: جسٽس منصور علي شاهه

چيف جسٽس جي "ون مين پاور شو" جي اختيار تي نظرثاني ڪرڻي پوندي

سپريم ڪورٽ کي رڳو هڪ شخص جي فيصلن تي نٿو ڇڏي سگهجي

پاٽمرادي نوٽيس جي اختيار بابت فل ڪورٽ ذريعي پاليسي ٺاهڻي پوندي

اسلام آباد (م د) پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه ۾ چونڊن جي تاريخ بابت سپريم ڪورٽ جي پاٽمرادي نوٽيس ڪيس جي حوالي سان جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس جمال مندوخيل جو تفصيلي فيصلو سامهون اچي ويو 27 صفحن تي ٻڌل تفصيلي فيصلي ۾ جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس جمال مندوخيل چيو آهي ته پاٽمرادو نوٽيس 44 ججن رد ڪيو. آرڊر آف ڪورٽ 3/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: پاٽمرادي نوٽيس جي ٻڌڻي ڪندڙ جج جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس جمال مندوخيل

رياست رهندي يا عمران! اسٽيبلشمينٽ جو فيصلو، جنرل (ر) باجوا کي به سخت پيغام

اسلام آباد (م د) سيڪيورٽي اسٽيبلشمينٽ عمران خان جي نالي تي منڊيٽرڙو ڦيري اهو سياسي باب مڪمل طور بند ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. اهوئي ڪارڻ آهي ته گهرو وزير راڻا ثناءُالله دعويٰ ڪري رهيو آهي ته عمران خان معاملا جنهن سطح تي وٺي ويو آهي، انهن جي گهرج اها آهي ته هاڻي عمران خان رهندو يا اسان رهنداسين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سنڌ جي 15 ضلعن ۾ مڪاني چونڊون: پ پ اميدوارن کي سرسي حاصل

6 سيٽن تي گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس جي ڊي اي جا اميدوار ڪامياب رهيا

پيپلزپارٽي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين جي 16 مان 8 سيٽون ڪٽڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي

غير حتمي، غير سرڪاري پارٽي نتيجن موجب جنرل ميمبر جي ٽوٽل 32 مان 21 سيٽون پ پ حاصل ڪيون

ڪراچي (م د) سنڌ جي 15 ضلعن ۾ مڪاني چونڊن جي ري پولنگ ۾ 59 مان 46 سيٽن جي غير حتمي ۽ غير سرڪاري نتيجا سامهون اچي ويا آهن. غيرسرڪاري ۽ غير حتمي نتيجن موجب پيپلز پارٽي 39 سيٽون کٽي سرسي حاصل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

صوبائي وزير شرجيل ميمڻ کانپوءِ فريال ٽالپر ۽ سهيل انور به دبئي روانا

پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ۽ ٻيا پ پ اڳواڻ اڳ ئي دبئي ۾ موجود

سڌسماءَ وارو صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ به دبئي ۾ موجود آهي

ڪراچي (م د) صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ کانپوءِ پ پ اير پي اي فريال ٽالپر ۽ سهيل انور سيال به دبئي روانا ٿي ويا آهن ميڊيا رپورٽن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

حسان نيازي کي ڪراچي منتقل ڪرڻ لاءِ ٻن ڏينهن جو راهداري ريمانڊ منظور

پوليس حسان نيازي کي لاهور جي دهشتگردي جي انٽ واري عدالت ۾ پيش ڪيو

عدالت حسان نيازي کي ڪراچي وٺي وڃڻ جي لاءِ ٻن ڏينهن جو راهداري ريمانڊ ڏئي ڇڏيو

لاهور (م د) لاهور جي دهشتگردي جي انٽ واري عدالت عمران خان جي فوڪل پرسن حسان نيازي کي ڪراچي وٺي وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. پوليس حسان نيازي کي لاهور جي دهشتگردي جي انٽ واري عدالت ۾ پيش ڪيو جتي حسان نيازي کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

لاهور: حسان نيازي کي ڪراچي منتقل ڪرڻ لاءِ آندو پيو وڃي

عمران خان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پهچي ويو، عبوري ضمانتن جي درخواستن تي اعتراض

اڳوڻو وزيراعظم عمران خان عدالت ۾ پيشي جي لاءِ زمان پارڪ کان قافلي جي صورت ۾ روانو ٿيو

اڳوڻي وزيراعظم سان گڏ جيمر واري گاڏي کي به اڳيان وڃڻ جي اجازت ڏني وئي

اڳوڻي وزيراعظم جي گاڏي کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي اندر داخلا جي اجازت ملي وئي

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پهچي ويو اڳوڻي وزيراعظم عمران خان عدالت ۾ پيشي جي لاءِ زمان پارڪ کان قافلي جي صورت ۾ روانو ٿيو هو عمران خان سان گڏ اسلام آباد ايندڙ گاڏين کي گولڙه موڙ وٽ روڪيو ۽ سائنس گڏ صرف 4 گاڏين کي اسلام آباد ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏني وئي. اڳوڻي وزيراعظم سان گڏ جيمر واري گاڏي کي به اڳيان وڃڻ جي اجازت ڏني وئي. اڳوڻي وزيراعظم جي گاڏي کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي اندر داخلا جي اجازت ملي وئي. پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

نگران وڏي وزير محسن نقوي جي مقرري خلاف داخل ڪيل درخواست رد

عدالت درخواست کي رد ڪندي پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي جي مقرري کي صحيح قرار ڏئي ڇڏيو

شيخ رشيد نگران وڏي وزير جي مقرري کي چئلينج ڪيو هو ۽ پنهنجي موقف ۾ چيو هو ته محسن نقوي جي مقرري قانون جي ابتڙ ٿي

اليڪشن ڪميشن وٽ نگران وڏي جي مقرري جو مڪمل اختيار آهي، نگران وڏي وزير جو ڪم صرف چونڊون ڪرائڻ آهي: عدالت سگهوري

لاهور (م د) پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي جي مقرري خلاف شيخ رشيد احمد جي درخواست کي رد ڪيو ويو لاهور هاءِ ڪورٽ محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائي ڇڏيو لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس شاهد ڪريم عوامي مسلم ليگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پاڪستان جو صدر هاڻي پي ٽي آءِ جو ڪارڪن ناهي: مرتضيٰ وهاب

دڪاندار ڪاڏي پيتي جي شين جو مقرر اگهه تي وڪرو کي يقيني بڻائين

جوهر فلاحي ۽ عوام لاءِ کوليو ويو، اسان خدمت تي يقين رکندا آهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ قانوني صلاحڪار سنڌ بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته پاڪستان جو صدر هاڻي پي ٽي آءِ جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: سنڌ حڪومت جو ترجمان مرتضيٰ وهاب ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

عدليه گهرو وزير راڻا ثناءُالله جي بيان جو نوٽيس وٺي: اسد عمر

ڪيسن جو انگ ڏنو ويندو ته خبر پئجي ويندي ته اهي سمورا ڪيس ڪوڙا آهن ۽ اهو سڀ ڪجهه ڄاڻي واڻي ڪيو پيو وڃي

گڏيل طور تي سمورن ڪيسز جي حوالي سان اسان جي پٽيشن تيار ٿي وئي آهي

صرف اسلام آباد مان 500 ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو آهي: تحريڪ انصاف اڳواڻ

اسلام آباد (م د) تحريڪ انصاف اڳواڻ اسد عمر چيو آهي ته عدالت کي گهرو وزير راڻا ثناءُالله جي بيان جو نوٽيس وٺڻ گهرجي، راڻا ثناءُالله جي وجود /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

تحريڪ انصاف اڳواڻ اسد عمر

ايڊووڪيٽ جنرل ۽ فواد چوڌري وچ ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ

مان به سيڪيورٽي جي حوالي سان ڳالهايو آهي: ايڊووڪيٽ جنرل

اوهان ڪجهه ناهي ڳالهايو، اوهان ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهيو: فواد چوڌري

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ ۾ پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ چونڊن جي تاريخ بابت ڪيس جي ٻڌڻي دوران ايڊووڪيٽ جنرل اسلام آباد ۽ پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

جنرل باجوا نومبر 2022ع ۾ وڌيڪ توسيع جو خواهشمند هو: سينيٽر عرفان صديقي

منهنجي راءِ هئي ته عمران خان جي حڪومت کي منطقي انجام تائين پهچڻ ڏنو وڃي

مريم نواز به عدم اعتماد کانپوءِ حڪومت جاري رکڻ جي خلاف هئي

اهو به فيصلو به ٿي ويو هو ته مئي 2022ع ۾ شهبازشريف استعيفيٰ ڏئي ڇڏيندو

اسلام آباد (م د) ن ليگ جي سينيٽر عرفان صديقي چيو آهي ته جنرل باجوا نومبر 2022ع ۾ وڌيڪ توسيع جو خواهشمند هو هن پاران ميان صاحب کي پيغام پهچايو ويو هو نوازشريف باجوا کي مدي ۾ واڌ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

عوامي مسلم ليگ سربراهه شيخ رشيد

امڙ جي لاڏاڻي کانپوءِ ڪوڙ ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو اٿم: شيخ رشيد

راڻا ثناءُالله جو دماغ خراب ٿي ويو آهي، سندس برو انجام ٿيندو

خان صاحب جا سوين ڪيس آهن، سندس خلاف ڏار ڪيس آهن

اسلام آباد (م د) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد احمد چيو آهي ته راڻا ثناءُالله جو دماغ خراب ٿي ويو آهي. سندس برو انجام ٿيندو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

مُلڪ ۾ سون اگهه ۾ مسلسل لاٿ، سوين رُپيا سستو ٿي ويو

في تولو يارنهن سؤ رُپيا لاٿ بعد ٻه لک چار هزار ڇهه سؤ رُپين جي ٿي ويو

ڏهه گرام سون جي قيمت به 944 رُپيا گهٽجڻ بعد هڪ لک ست هزار ست سؤ چوراسي رُپيا ٿي وئي

ڪراچي (م د) سون جي اگهه ۾ اڄ هڪ ڀيرو وري لاٿ آئي آهي ۽ سون يارنهن سؤ رُپيا وڌيڪ سستو ٿي ويو آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير شهلا رضا پاران ضلعي سينٽرل جي بچت بازار جو دورو

مهانگائي کان تنگ آيل عوام جي رليف لاءِ سنڌ جي وڏي وزير جي خاص هدايتن تي سڄي سنڌ ۾ ڪريٽ مارڪيٽون لڳايون ويون آهن: شهلا رضا

اڄي پوشاڪ وارا ماڻهو ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مهانگائي کان سخت پريشان آهن، سنڌ حڪومت انهي تي سبسڊي ڏني آهي

عوام کي هر ممڪن رليف ڏنو وڃي ۽ سستي بازارن ۾ عوام کي سستي اگهه کان گهٽ ۾ شيون ملن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير سيده شهلا رضا چيو آهي ته سنڌ حڪومت مهانگائي ۽ عوام جي مسئلن کان بخوبي واقف آهي، ان کي نظر ۾ رکندي سنڌ جي وڏي وزير جي خاص هدايتن تي پوري سنڌ جي مختلف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: صوبائي وزير شهلا رضا بچت بازار جي دوري دوران ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

وفاقي شماريات کاتي پاران ڊجيٽل آدم شماري جي مد ۾ سنڌ حڪومت کي 2 ارب 50 لک رپين جا فنڊ جاري ڪري ڇڏيا

اسلام آباد (م د) وفاقي شماريات کاتي پاران ڊجيٽل آدم شماري جي مد ۾ سنڌ حڪومت کي 2 ارب 50 لک رپين جا فنڊ جاري ڪري ڇڏيا، شماريات بيورو موجب سنڌ حڪومت کي فنڊ سيڪيورٽي ۽ ٻين انتظامن جي مد ۾ جاري ڪيا ويا. ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ وڌيڪ فنڊز جاري ڪيا ويندا شماريات بيورو جي ٽيم ڪجهه ڏينهن کان سنڌ جي دوري تي آهي، اڄ اهم اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ بچت بازارون قائم ڪيون آهن، جام اڪرم الله ڌاريجو

منافع خورن خلاف به موقعي تي ئي ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

سنڌ حڪومت عوام کي هر سطح تي بنيادي شين جي فراهمي کي يقيني بڻائي رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) صنعتن ۽ گڏيل امداد واري صوبائي وزير جام اڪرم الله ڌاريجو چيو آهي ته رمضان المبارڪ دوران عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ سڄي صوبي ۾ سستا/بچت بازار قائم ڪيا پيا وڃن. انتظاميه ضروري شين جي سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: صوبائي وزير جام اڪرم الله ڌاريجو بچت بازار جي دوري دوران ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ايڪسائيز پوليس شهداد ڪوٽ جي ڪارروائي، 20 ڪلو چرس هٿ، هڪ جوابدار گرفتار

ايڪسائيز انسپيڪٽر علي احمد عباسي جي اڳواڻي ۾ پوليس ڪارروائي ڪئي

ڪارروائي دوران تلاشي دوران هڪ جوابدار وٽان 20 ڪلو چرس برآمد ٿيو، ڪيس داخل

کاتي جا آفيسر منشيات فروشن خلاف پنهنجي ڪارروائي جاري رکندا: مڪيش چاولا

ڪراچي (رپورٽر) ايڪسائيز پوليس شهداد ڪوٽ ايڪسائيز انسپيڪٽر علي احمد عباسي جي اڳواڻي ۾ نصيرآباد چيڪ پوسٽ تي هڪ شڪيڪار جي تلاشي دوران 20 ڪلو چرس هٿ ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو تنصيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسرائيل ۾ پرتشدد مظاهرا: وزير دفاع برطرف: قونصل جنرل مستعفي

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسرائيلي وزير اعظم بنيامين نيتن ياهو دفاع واري وزير کي عهدي تان برطرف ڪري ڇڏيو آهي پرڏيهي خابرو اداري موجب بنيا مين نيتن ياهو عدالتي سڌارا روڪڻ جي مطالبي تي دفاعي واري وزير يواف گلينٽ کي برطرف ڪيو آهي ميڊيا رپورٽس موجب دفاع واري وزير جي برطرفي کانپوءِ عدالتي سڌارن خلاف مظاهرا زور وٺي ويا آهن ۽ مظاهرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

شهدادڪوٽ: پوليس ڪارروائي دوران هٿ ڪيل چرس ۽ گرفتار جوابدار ڏاڪي تي بيٺل آهي

ڪراچي ۾ تعليمي ماهر جي قتل ۾ ڇوڪري به ملوث نڪتي

تعليمي ماهر خالد رضا جي قتل ۾ هڪ ڇوڪري سميت ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

خالد رضا جي قتل ۾ به اجرتي ٽارگيٽ ڪلر ملوث هجڻ جو انڪشاف سامهون آيو: جاچ ذريعا

ڪراچي (م د) ڪراچي ۾ تعليمي ماهر خالد رضا جي قتل ۾ ڇوڪري به ملوث هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. جڏهن ته ڳجهي اداري ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ڪراچي جي علائقي گلستان جوهر ۾ تعليمي ماهر خالد رضا جي قتل ۾ هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ حڪومت طرفان ناجائز منافع خورن جي خلاف ڪارروائي

ڪارروائي دوران 512 ناجائز منافع خورن تي 22 لک 33 هزار روپيا ڏنڊ مقرر

صوبي جي سمورن ضلعن ۾ 100 کان وڌيڪ بچت بازاريون لڳايون ويون آهن، اسماعيل راهو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت پاران مهانگيون شيون وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائيون ڪري صوبي ۾ 512 منافعي خورن ۽ ذخيرا اندوزي ڪندڙن تي 22 لک 33 هزار رپيا ڏنڊ هنيو ويو ۽ ڪراچي سميت صوبي جي سڀني ضلعن ۾ 100 کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اقليتن جي معاملن واري کاتي اسڪالرشپس لاءِ درخواستون گهرائي ورتيون

بلاول ڀٽو زرداري جي خاص هدايتن تي هن سال اسڪالرشپس جي فنڊن ۾ واڌ ڪئي وئي آهي: گيانچند ايسراڻي

اسڪالرشپس جي عمل کي صاف، شفاف رکڻ لاءِ خدمتون حاصل ڪيون ويون آهن، اقليتي معاملن وارو صوبائي وزير

ڪراچي (رپورٽر) اقليتن جي معاملن واري کاتي اقليتي برادري جي هوشيار شاگردن کان سال 23/2022 جي اسڪالرشپس لاءِ درخواستون گهرائي ورتيون آهن. اقليتي معاملن واري صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي چيو ته هائير سيڪنڊري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: سنڌ جي وڏي وزير جو صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو افغان گرائونڊ گلبرگ ۾ بچت بازار جو دورو ڪندي

تعلقه اسپتال گهوٽڪي بدانتظامي جو شڪار، ڪروڙن جي بجيٽ باوجود مريض هڪ گوري لاءِ پريشان

تعلقي اسپتال جي ٻارن جي وارڊ ۾ انتظام سهي نه هجڻ ڪري هر روز معصوم ٻار موت جي ننڊ سمهڻ لڳا

اسان مسڪين ۽ غريب آهيون ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان بيٺل آهيون: اسپتال ۾ داخل ٻارڙن جا والدين

اسپتال اندر 24 ڪلاڪن ۾ صرف هڪ دفعو ڊاڪٽر چيڪ اپ لاءِ اچن ٿا

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي ۾ موجود تعلقه اسپتال غريب مريضن لاءِ موت جو اڏو بڻجي وئي. تعلقه اسپتال جي ڪروڙين رپيا بجيٽ هجڻ باوجود /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو پاران بچت بازار جو دورو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جو صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو سنڌ جي وڏي وزير جي هدايتن تي ضلعي سينٽرل ڪراچي ۾ افغان گرائونڊ گلبرگ ۾ واقع بچت بازار جو دورو ڪيو ان موقعي تي رسول بخش چانڊيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

عوام انتظاميا سان سهڪار ڪندي منافع خورن جي نشاندهي ڪن: سرينڊر ولاسائي

وڏي وزير مراد شاهه منافع خورن سان سختي سان منهن ڏيڻ جي هدايت ڪئي آهي

ضروري شيون خريد ڪرڻ وقت واپارين کي ريٽ لسٽ ڏيکاري وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جي انساني حقن بابت خاص مددگار سرينڊر ولاسائي چيو آهي ته سنڌ حڪومت رمضان المبارڪ جي مقدس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سنڌ سرڪار پاران قائم ڪيل بچت بازارون مذاق بڻجي ويون، مهانگائي سٽيل عوام مايوس

لاڙڪاڻو، نصير آباد، گهارو، جهول ۽ فيض گنج ۾ بچت بازارن لاءِ لڳايل اسٽال خالي پيل نظر آيون

کنڊ، گيهه، چانور ۽ ٻيون شيون وٺڻ لاءِ پهتل شهري مايوس ٿي واپس هليا ويا

سنجهورو ۾ قائم ڪيل بچت بازار ۾ غير معياري اٽو ملڻ خلاف شهرين احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڪراچي (م د) سنڌ سرڪار پاران مهانگائي سٽيل عوام جي لاءِ قائم ڪيل بچت بازارون مذاق بڻجي ويون، لاڙڪاڻي، نصير آباد، گهارو، جهول ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

افغانستان هٿان تاريخي شڪست، مکي آرٿر مئنيجمنٽ کي صلاح ڏئي ڇڏي

ڪراچي (م د) پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جي ٽي ٽوئنٽي سيريز ۾ افغانستان هٿان شڪست تي قومي ٽيم جي هيڊ ڪوچ جي اميدوار مکي آرٿر جو بيان سامهون آيو آهي، سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ مکي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

بخشاپور پرسان نوجوان مبينا طور اغوا

هٿياربندن نوجوان شاهد گولي پٽ حضور بخش کي مبينا طور اغوا ڪري ويا

نوجوان انڊس هاءِ وي کان ڳوٺ ڪنڌر گولو طرف وڃي رهيو هو ته هٿياربند اغوا ڪري ويا

بخشاپور (رپورٽر) بخشاپور ويجهو هڪ وڌيڪ نوجوان مبينا طور اغوا ٿي ويو آهي. پوليس جو ڄاڻ آهي ته ماري جي جاچ ڪري رهيا آهيون ٻي ايل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪنڌڪوٽ مان اغوا ٿيل پائڻ حسيب نوناري ۽ عبدالرئوف نوناري جي بازيابي لاءِ احتجاج

آل پاڪستان نوناري ايسوسيئيشن طرفان هٿن ۾ بينر پليڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ذوالفقار علي نوناري، ڄام سجاد نوناري، محمد اسماعيل نوناري، ڊاڪٽر عرفان نوناري پاران ريلي ڪڍي وئي

بازيابي لاءِ پوليس هن وقت تائين ڪابہ تحريڪ ناهي ورتي، ادارا تحفظ ڏيڻ ۾ ناڪام ٿيچڪا آهن: مظاهرين

ڪراچي (رپورٽر) ڪنڌڪوٽ مان اغوا ٿيل ٻن مغوي پائڻ حسيب نوناري ۽ عبدالرؤف نوناري جي بازيابي لاءِ ڪراچي پريس ڪلب اڳيان آل پاڪستان نوناري ايسوسيئيشن طرفان هٿن ۾ بينر پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪراچي: ڪنڌڪوٽ مان اغوا ٿيل پائڻ حسيب نوناري ۽ عبدالرئوف نوناري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سجاول ۾ نوجوان جو جهيڙي دوران پاءُ ڪي زخمي ڪندڙ جوابدار گرفتار نہ ٿيڻ خلاف احتجاج

کهرائي محلا جو رهواسي محمد عمر کهرائي سورج سجاولي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

منشيات فروشن چاقو جا وار ڪري منهنجي پاءُ وقار احمد کهرائي کي زخمي ڪري ڇڏيو: نوجوان

سجاول (ڊ ـ ر) سجاول ۾ نوجوان جو جهيڙي دوران پاءُ کي زخمي ڪندڙ جوابدار گرفتار نہ ٿيڻ خلاف احتجاج، انصاف جي گهر. سول اسپتال سجاول پرسان کهرائي محلا جو رهواسي محمد عمر کهرائي سورج سجاولي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي صحافين اڳيان داهيندي چيو تہ سول اسپتال سجاول پرسان گورنمينٽ مڊل گرلز اسڪول اندر نالي شبير احمد کهرائي جوا ۽ منشيات جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سجاول ۾ بٺورو واسي جو سنڌس سهري ۽ ان جي پائڻ جي مبينہ ظلمن خلاف احتجاج

ڳوٺ حاجي حمزو سوهو جو رهواسي محمد عمر سوهو ۽ زال سڪينہ سوهو احتجاجي مظاهرو ڪيو

منهنجي 24 ايڪڙ ذاتي زرعي زمين زرعي ترقياتي بئنڪ مان گروي رکي لون ڪنيو آهي: عمر سوهو

18 لک روپين جو نقصان ٿيو آهي حق گهرڻ تان مونکي ۽ گهرواري کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

سجاول (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) سجاول ۾ بٺورو واسي جو سنڌس سهري ۽ ان جي پائڻ جي مبينہ ظلمن خلاف احتجاج، انصاف جي گهر مير پور بٺورو لڳ ڳوٺ حاجي حمزو سوهو جو رهواسي محمد عمرسوهو ۽ زال سڪينہ سوهو سجاول پهچي سورج سجاولي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي سنڌس سهرو حاجي ڪڏهو سوهو ۽ ان جو پاءُ حاجي حمزو سوهو، غلام مصطفيٰ سوهو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سکر بس ٽرمينل پرسان رهندڙ شر

برادري سان تعلق رکندڙ عورت

پاران احتجاج

سکر (بيوروريورٽ) سکرجي بس ٽرمينل پرسان رهندڙ شر برادري سان تعلق رکندڙ عورت مسمات نازل شر معصوم نياڻي سان گڏ سکر پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي تہ جوابدار آصف ڪوسو ۽ ٻين منهنجي پوٽي راشد جي گهرواري سميرا شر کي اغوا ڪيو آهي، منهنجي پوٽي راشد. واقعي جي رپورٽ داخل ڪرائي آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سجاول: بٺورو واسي جو سنڌس سهري ۽ ان جي پائڻ جي مبينہ ظلمن خلاف احتجاج ڪندي

غوثپور دراني مهر ٽاڻي جي ڪچي واري علائقي جي ڳوٺ ڄام سونهارو ۾ جهيڙو

جاگيراڻي ۽ مهر برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ پراڻو خوني تڪرار هڪ ڀيرو ٻيهر ڀڙڪي اٿيو

گوليون لڳڻ سبب لابارو ڪندڙ هڪ عورت نازيا خاتون سميت ٻہ ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا آهن

علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو ٻنهي ڌرين جي هٿيار بندن مورچا سنڀالي ورتا، ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور، دراني مهر ٽاڻي جي ڪچي واري علائقي جي ڳوٺ ڄام سونهارو چاچڙ ۾ جاگيراڻي ۽ مهر برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ پراڻو خوني تڪرار هڪ ڀيرو ٻيهر ڀڙڪي اٿيو آهي جهيڙي دوران ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي مٿان پنهنجي جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا آهن ڪچي جي ذريعن وٽان ملندڙ ڄاڻ موجب گوليون لڳڻ سبب لابارو ڪندڙ هڪ عورت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دادو ۾ ڊي ايس پي سٽي جي آفيس ۾ ايس ايس پي جي کلي ڪچهري، شهرين جو دانهون

مختلف شهرن ، ڳوٺن جي ماڻهن ۽ دادو شهر جي واپارين ، عام شهرين سماجي ڪارڪنن شرڪت ڪئي

ايس ايس پي پاران سڏي ريٽ ٻڌو ويو ضلعي جي ڪيترن ئي ماڻهن پنهنجا پنهنجا مسئلا پيش ڪيا

دادو ۾ کلي ڪچهري ذريعي گهڻيون عوامي شڪايتون ۽ ماڻهن جي تڪليفن جو ازالو ڪيو ويو آهي: ايس ايس پي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ ڊي ايس پي سٽي جي آفيس ۾ ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو جي کلي ڪچهري جو انعقاد ڪيو ويو کلي ڪچهري ۾ دادو ضلع جي مختلف شهرن ، ڳوٺن جي ماڻهن ۽ دادو شهر جي واپارين ، عام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ايس ايس پي دادو پاران کلي ڪچهري ٻئي طرف ڌوهارين کان هٿ آيل سامان

خانپور مهر ۾ رمضان شريف جي پلاري مهيني ۾ مهانگائي جو طوفان اچي ويو

سرڪاري اڳهن تي عمل نہ ٿيو، يوٽيلٽي اسٽور تي سستي اٽي جي فراهمي بند ٿي وئي

دڪاندارن ۽ واپارين عام واهپي جي شين کنڊ، دال سبزي، فروٽ جا اگهہ ٻيڻا ڪري ڇڏيا

بچت بازار قائم ڪري شهرين کي عام واهپي جون شيون سستي اگهہ تي فراهم ڪيون وڃن

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر ۾ رمضان شريف جي پلاري مهيني ۾ مهانگائي جو طوفان اچي ويو سرڪاري اگهن تي عمل نہ ٿيو. يوٽيلٽي اسٽور تي سستي اٽي جي فراهمي بند. انتظاميہ خاموش خبر موجب رمضان شريف جي پلاري مهيني ۾ خانپورمهر ۾ مهانگائي چوٽ چڙهي وئي منافعي خور دڪاندارن ۽ واپارين عام واهپي جي شين کنڊ، دال سبزي، فروٽ جا اگهہ ٻيڻا ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

شڪارپور جي ڊي سي پاران پلازه سينيما ۾ يوٽلٽي اسٽور جي پنجين برانچ جو افتتاح

شهري يوٽلٽي اسٽورن جي رخ ڪري پيو. رش وڌيڪ طلب سبب نئين برانچ کولي آهي: ڊي سي

مارڪيٽ ۾ اٽو ٻارنهن سئو تائين ۽ يوٽلٽي اسٽور تي ڇہ سئو ڪان ست سئو وچ ۾ ملي رهيو آهي

مهانگائي وڌڻ سبب عوام يوٽلٽي اسٽورن جو رخ ڪيو آهي ۽ رش وڌي ويئي آهي: ميڊيا سان ڳالهيون

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور پاران پلازه سينيما شڪارپور ۾ يوٽلٽي اسٽور جي پنجين برانچ جو افتتاح. مهانگائي سبب عوام يوٽلٽي اسٽورن جي رخ ڪري پيو رش وڌيڪ طلب سبب هڪ نئين برانچ کولي وئي آهي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور ابرار جعفر پاران پلازه سينيما شڪارپور ۾ يوٽلٽي اسٽور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سکر چيمبر آف ڪامرس اينڊ سمال

ٽريڊرز اينڊ ڪاٽيج انڊسٽريءَ جي

سهڪار سان اهلڪار مقرر

سکر (بيوروريورٽ) سکر پوليس جي ترجمان پاران جاري ڪيل ٻڌائي موجب ڊي آءِ جي سکر جاويد سونهارو جسڪاڻي جي هدايتن تي ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ سوشل پوليسنگ تحت علائقي جي واپارين ۽ آبادگارن سان سهڪار ڪري هڪ قابل تحسين ۽ اهم قدم کنيو آهي. (ڪميونٽي پوليسنگ) شهر جي تاريخ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

شڪارپور: ڊي سي پاران پلازه سينيما ۾ يوٽلٽي اسٽور جي پنجين برانچ جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

سگا شاخ پاٽ شريف جي ڪاروباري ڪاميٽي جي گڏجاڻي تي گڏري، اهم معاملن تي ڳالهيون

انڪر آفيسر محمد اعظم ميمڻ جي بلاجواز گرفتاري واري معاملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي

سماج سڌارڪ محمد اعظم ميمڻ جي گرفتاري واري معاملي جي انڪوائري ڪرائي وڃي: سماجي اڳواڻ

سيڪريٽري محمد زمان سومرو خزانچي خادم حسين چنا جوائنٽ سيڪريٽري شهاب الدين لانگاهہ ۽ ٻيا شريڪ

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سگا شاخ پاٽ شريف جي ڪاروباري ڪاميٽي جي گڏجاڻي ٿي گڏري سگا شاخ پاٽ شريف جي باني ۽ سماج سڌارڪ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام دادو جي آفيسر محمد اعظم ميمڻ جي بلاجواز گرفتاري واري معاملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي سماج سڌارڪ محمد اعظم ميمڻ جي گرفتاري واري معاملي جي انڪوائري ڪرائي وڃي پي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪراچي اٽي جي قيمت پنهنجي تاريخ جي بلندترين قيمت تي پهچي وئي

ملير جي مختلف علائقن ۾ اٽو بحران جي صورت اختيار ڪرڻ لڳو آهي

اٽي جو 10 ڪلو جو ٿيلهو 1500 سو ڪان 1600 سو ۾ وڪرو جاري آهي

ڪراچي (رپورٽر) اٽي جي قيمت پنهنجي تاريخ جي بلندترين قيمت تي پهچي وئي عام مارڪيٽ ۾ اٽي جو بحران اٽو ناياب ٿي ويو پاڪستان جي سڀ کان وڏي شهر ڪراچي ۾ اٽي جو بحران جاري آهي. پاڪستان سڄي دنيا ۾ ڪڻڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

رمضان المبارڪ جي پلاري مهيني جي موقعي تي اي سي ٺٽو پاران بچت بازار قائم

ڊي سي ٺٽو فاروق احمد سومرو جي خاص هدايتن تي پراڻي بس اسٽاپ وٽ قائم ڪئي وئي

کنڊ، تيل ـ ٻاڇين ۽ مرغي سميت روز جي استعمال ۾ ايندڙ شين جا اسٽال لڳرايا پيا وڃن: اي سي

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) رمضان المبارڪ جي پلاري مهيني جي موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو جي اڳواڻي ۾ ٺٽي شهر ۽ ان جي پرپاسي وارن علائقن ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو فاروق احمد سومرو جي خاص هدايتن تي پراڻي بس اسٽاپ جي سامهون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٺٽو: اسسٽنٽ ڪمشنر بچت بازار قائم ڪئي وئي

ايس ايڇ او ڏاٻيجي 2 بدنام ڌوهارين کي گرفتار ڪري ورتو، سوزوڪي پڪ اپ هٿ

پوليس پاران گهارو ۽ ڏاٻيجي وچ ۾ ٽن ڌوهارين جي هڪ گينگ کي سوگهو ڪيو ويو هو

مومن شيخ ٻن بدنام ڌوهارين کي گرفتار ڪري ٻہ جانور ۽ هڪ سوزوڪي پڪ اپ هٿ ڪئي

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ڪجھ ڏينهن اڳ ڊي ايس پي ميرپورساڪرو نواز سرائي ايس ايس پي آفيس ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو تہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ملير جي علائقي ابراهيم حيدري ۾ سماجي اڳواڻ غلام رسول ڪوڙ پاران سامان تقسيم

سماجي اڳواڻ پاران بابرڪت مهيني ۾ 200 مستحق خاندانن ۾ مفت راشن ورهايو ويو

مستحق ماڻهن جي ڀرپور مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪا جاري رهندي: اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽر) ملير جي علائقي ابراهيم حيدري ۾ سماجي اڳواڻ غلام رسول ڪوڙ پاران رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ 200 مستحق خاندانن ۾ مفت راشن ورهايو ويو، راشن جي ٿيلهن ۾ ڪاڌي پيتي جو سامان، مشروبات ۽ ٻيو سامان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سيتا روڊ ۾ 65 هين ڏينهن بہ روهڙي، لاڙڪاڻو، دادو، ڪوٽڙي جي ٽرينن جي لاءِ احتجاج

سيتا سرجهار فورم پاران مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ احتجاج جاري رکيو ويو، اڳواڻن پاران شرڪت

شهزاد ميمڻ، فدا حسين ملڪ، غلام مرتضي سومرو، رضا محمد ملاح، امجد علي ڪوسو شريڪ ٿيا

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سيتاروڊ ۾ 65 هين ڏينهن بہ روهڙي، لاڙڪاڻو، دادو، ڪوٽڙي ريلوي ٽريڪ تي گذريل 8 مهينن کان بند پيل مسافر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دادو: 65 هين ڏينهن بہ روهڙي، لاڙڪاڻو دادو، ڪوٽڙي جي ٽرينن لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

محرابپور لڳ ڳوٺ ڪوڙو سهتو واسي جان محمد سهتو پاران ٻاٿرن خلاف احتجاج

پوهيو ۽ نذير پوهيو موٽر سائيڪل جو سائيڊ اشارو ٽوڙڻ جو مونتي الزام هنيو آهي: پورهيت

مان ڏوهي نہ هيس پوءِ بہ ڏاڍ ۽ داداگيري ڪري مون کي ڏيهہ ڪلاڪ ٿاڻي ۾ قيد ڪرايو ويو: ڳالهيون

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) محرابپور لڳ ڳوٺ ڪوڙو سهتو واسي جان محمد سهتو پريس ڪلب ۾ اچي دانهيندي ٻڌايو تہ غفار پوهيو ۽ نذير پوهيو جن ڪيلن جا ٻوٽا ڪٽڻ ۽ موٽر سائيڪل جو سائيڊ اشارو ٽوڙڻ جو مونتي الزام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

دادو ۾ پ ٽ الف ٽائون ۽ تعلقي دادو طرفان گڏيل احتجاجي مظاهرو، شديد نعريبازي

ڪچهري روڊ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ استادن شرڪت ڪئي

الهبچايو ميمڻ جهندو خان ٻبر محمد وسيم ڪوڪر صابر حسين ڏاوچ اياز علي ٽيهو شريڪ

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ پ ٽ الف ٽائون ۽ تعلقي دادو طرفان گڏيل احتجاجي مظاهرو ڪچهري روڊ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ استادن شرڪت ڪئي پ ٽ الف دادو ٽائون جي صدر عنايت علي جمالي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دادو: پ ٽ الف ٽائون ۽ تعلقي دادو طرفان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

وارهہ ۾ مهينا اڳ اغوا ڪري قتل ڪيل نوجوان علي احمد بروهي جي واقعي خلاف احتجاج

نوجوان علي احمد بروهي جي قتل ۾ ملوث قاتل وڏيري ۽ جرڳو ڪندڙ وڏيرن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو

قتل ۾ ملوث قاتل وڏيري ۽ جرڳو ڪندڙ تمام وڏيرن کي گرفتار ڪري عبرتناڪ سزائون ڏنيون وڃن: مظاهرين

وارهہ (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهہ ۾ بہ مهينا اڳ اغوا ڪري قتل ڪيل نوجوان علي احمد بروهي جي بيرحماڻي قتل ۾ ملوث قاتل وڏيري ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

گهارو شهر ۾ انتظاميا ۽ واپاري ايسوسيئيشن جي تعاون سان بچت بازار لڳائي وئي

ڀاڄي، فروٽ، ڪڪڙ ڪو گوشت، راشن سميت الطاف فلور مل طرفان اٽي جا اسٽال لڳايا ويا

واپاري ايسوسيئيشن گهارو جي اڳواڻن پونداس ٽيڪياڻي، عبدالحميد عمراڻي ۽ ٻين دورو ڪيو

گهارو (رپورٽ :بشام جوکيو) گهارو شهر ۾ انتظاميا ۽ واپاري ايسوسيئيشن جي تعاون سان بچت بازار لڳائي وئي جنهن ۾ ڀاڄي، فروٽ، ڪڪڙ ڪو گوشت، راشن سميت الطاف فلور مل طرفان سستي اٽي جا اسٽال لڳايا ويا. لڳل بچت بازار جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

گهارو: انتظاميا ۽ واپاري ايسوسيئيشن جي تعاون سان بچت بازار لڳائي وئي

ٺٽي ۾ خصوصي ماڻهن جي بحالي واري کاتي بابت خاص مددگار پاران رمضان بچت بازار جو دورو

صادق علي ميمڻ بچت بازار جو دورو ڪري مختلف اسٽالن جو معائنو ڪيو ۽ صورتحال جو جائزو ورتو

شهرن ۾ حڪومت جي سهڪار سان ضلعي انتظاميہ پاران رمضان بچت بازارون قائم ڪيو ويون: صادق علي

دڪانن تي اوچتا ڇاپا هنيا وڃن ۽ ناجائز منافع خورن ۽ ذخيرا اندوزي ڪندڙن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) وزيراعليٰ سنڌ جي خصوصي ماڻهن جي بحالي واري کاتي بابت خاص مددگار صادق علي ميمڻ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون رياض حسين لغاري اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو شفيق احمد آريسر ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٺٽو: ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو رمضان بچت بازار جو دورو ڪري رهيا آهن

ٻنون ۽ پرپاسي جي رهندڙ 50 هزار رهواسي 10 سالن کان بجلي جي سهولت کان محروم

بلڙي شاهہ ڪريم گرڊ اسٽيشن کان ايندڙ بجلي جي ڊگهي لائين جا پول ۽ تارون ڪٽجي ويون

بجلي، سئي گيس، پيئڻ جي پاڻي، ڊرينيج ۽ ٻين سمورين بنيادي سهولتن کان محروم ٿي ويا

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ٻنون ۽ پرپاسي جي رهندڙ 50 هزار کان وڌيڪ عوام 10 سالن کان بجلي جي سهولت کان محروم. بلڙي شاهڪريم گرڊ اسٽيشن کان ايندڙ بجلي جي ڊگهي لائين جا پول ۽ تارون ڪٽجي ويون، عوام هن جديد دور زماني ۾ بجلي، سئي گيس، پيئڻ جي پاڻي، ڊرينيج ۽ ٻين سمورين بنيادي سهولتن کان محروم. عوام طرفان فوري طور تي ٻنون جا بنيادي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٽنڊو محمد خان جيئي سنڌ محاذ ۽ قوم پرست عوامي اتحاد سول سوسائيٽي طرفان احتجاج

ٽي ڏينهن ۾ پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان جي سامهون شهرين پاران سخت احتجاج مظاهرو ڪيو ويو

مختيار خاصخيلي ايوب ڪوريجو صدام زنگيجو جسقم آريسر سڪندر علي سنڌي قومپرست شريڪ ٿيا

زاهد جسڪاڻي جاويد هاليپوٽو ۽ ديدو هاليپوٽو جي خلاف من گهڙت ۽ ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪرائي وئي: اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان (ڊر) ٽنڊو محمد خان جيئي سنڌ محاذ ۽ قوم پرست عوامي اتحاد سول سوسائيٽي طرفان اڄ ٽي ڏينهن ۾ پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان جي سامهون سخت احتجاج مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي جسقم اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي پنهل ساريو جيئي سنڌ محاذ جي اڳواڻن مختيار خاصخيلي ايوب ڪوريجو صدام زنگيجو جسقم آريسر سڪندر علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽنڊو محمد خان: جيئي سنڌ محاذ ۽ قوم پرست عوامي اتحاد سول سوسائيٽي طرفان احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺرڙ ۾ مورن تان موت جو راڪاس نہ ٽريو، هفتي اندر 15 مور مري ويا، اختياريون خاموش

ڪيترائي مور بيماري ۾ ورتل، جهنگلي جيوت کاتي تحرڪ نہ ورتو، مورن جو نسل خطري ۾

ڪيترن ئي ڏينهن کان موتيسرو ساهڙ ۽ آس پاس وارن ڳوٺن ۾ مور پراسرار بيماري ۾ وٺجي ويا آهن

مور ڦٿڪي ڦٿڪي دم ڏين ٿا، جڏهن تہ مورن کي بچائڻ وارو کاتو ڪٿي سرگرم نظر نٿو اچي: علائقي واسي

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽ ممتاز جوڻيجو) ٺرڙ ۾ مورن تان موت جو راڪاس نہ ٽريو ڪلوئي تعلقي جو ڳوٺ موتيسرو ساهڙ ۾ هڪ هفتي اندر 15 مور مري ويا، ڪيترائي مور بيماري ۾ ورتل، جهنگلي جيوت کاتي تحرڪ نہ ورتو، مورن جو نسل خطري ۾، خبر موجب ٺٽون ڪوٽ پرسان تعلقي ڪلوئي جي ڳوٺ موتيسرو ساهڙ ۾ هڪ هفتي دوران 15 مور مري ويا ۽ ڪيترائي مورن بيماري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ملير لنڪ روڊ تي قائم ميگا ٽينٽ سٽي جي سوين برسات متاثرين جو احتجاجي مظاهرو

برسات متاثرين جو انتظاميا پاران سهولتون واپس وٺڻ ۽ کاڌ خوراڪ واپس وٺڻ خلاف مظاهرو

انتظاميا سٽي خالي ڪرڻ لاءِ دٻا ۽ تمام سهولتون واپس وٺڻ سان گڏ حراسان ڪري رهي آهي: مظاهرين

رمضان جي پلاري مهيني ۾ اسان جا معصوم ٻچا بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن، نوٽيس ورتو وڃي: ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) ملير لنڪ روڊ تي قائم ميگا ٽينٽ سٽي جي سوين برسات متاثرين جو انتظاميا پاران سهولتون واپس وٺڻ ۽ کاڌ خوراڪ واپس وٺڻ خلاف ٽينٽ سٽي کان پريس ڪلب تائين پيادل مارچ ملير ضلعي انتظاميا سهولتون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪراچي: لنڪ روڊ تي قائم ميگا ٽينٽ سٽي جا سوين برسات متاثر ماڻهون احتجاج ڪري رهيا آهن

سرحد جو ڪڻڪ خريداري سينٽر گهوٽڪي منتقل، سرحد جا آبادگار حيران ۽ پريشان

سيزن شروع ٿيندي ئي مختلف علائقن ۾ ڪڻڪ جا سرڪاري خريداري سينٽر کلي رهيا آهن

مجتبيٰ مگسي جي ملي ڀڳت سان سرحد جو ڪڻڪ خريداري سينٽر گهوٽڪي منتقل ڪيو ويو

معاملي جو نوٽيس وٺي سرحد جو ڪڻڪ خريداري سينٽر سرحد ۾ ئي قائم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو

سرحد (رپورٽ: غلام عباس مهر) سرحد جو ڪڻڪ خريداري سينٽر گهوٽڪي منتقل، سرحد جا آبادگار حيران ۽ پريشان تحريڪ هلائڻ جو ڇتاءُ سينٽر واپس سرحد ۾ منتقل ڪرڻ جو مطالبو، خبرموجب گهوٽڪي ضلعي ۾ ڪڻڪ جي سيزن شروع ٿيندي ئي مختلف علائقن ۾ ڪڻڪ جا سرڪاري خريداري سينٽر کلي رهيا آهن مگر سرحد جو ڪڻڪ جو خريداري سينٽر مقامي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

بينظير ڀٽو وومين بحالي سينٽر اولڊ ٽائون ملير اسپتال جي خراب حالت، ڇت جو پلاسٽر ڪرڻ لڳا

اسپتال جو نالو آوارٽ ريهاب سينٽر رکيو ويو، ظلم ۽ جبر جو شڪار ٿيندڙ عورتون پهچن ٿيون

زچگي ۽ ٻارن جي سار سنڀال جو ڪم ڪري رهيا آهن، ڪل ٻارهن ڊاڪٽر ڪم ڪري رهيا آهن

ڪرپشن ۾ ملوث ماڻهن جي جاچ ڪرائي ذميوارن کي سزا ڏني وڃي: علائقي جي ساڃاهہ وندن جون ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) محترمہ بينظير ڀٽو وومين بحالي سينٽر اولڊ ٽائون ملير اسپتال جي خراب حالت ۽ ڇت جو پلاسٽر ڪرڻ لڳا هڪ سال پهريان افتتاح ڪيو ويو هيو ٽئي تباهي حالت ۾ ملير ايم پي اي شرميلا فاروقي جي نالي سان اسپتال جو بنياد رکيو ويو، هن اسپتال جو نالو آوارٽ ريهاب سينٽر رکيو ويو جتي عورتن تي ظلم ۽ جبر جو شڪار ٿيندڙ عورتون نفسياتي مريض /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر پوليس جي ڏاڍائين خلاف

اکين جي نور کان معذور پاران

احتجاجي مظاهرو

سکر (بيوروريورٽ) سکر پوليس جي ڏاڍاين خلاف اکين جي نور کان معذور شاهہ فيصل ڪالوني شڪارپور ڦاٽڪ سکر جي رهواسي حضور بخش پٽ حسين بخش چوهاڻ پيرسن امڙ مسمات ديوائي چوهاڻ ۽ ٻين سان گڏ سکر پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي تہ سندس برادري سان تعلق رکندڙ ڪرائي دار رشيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪراچي: بي لاپ بٺيل صحت مرڪز نظر ايندي

سهراب ڳوٺ ٿاڻي جي حد ۾ ڦرجي وارداتن ۾ رڪارڊ واڌ، صحافي انور مگسي کان ڦرلٽ

ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار ڦورو صحافي کان موبائل فون، روڪ رقم ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري ويا

آدمشماري جي ڊيوٽي سان آهيون، نفري گهٽ آهي ان جي ڪري دير ٿي: پوليس جون ڳالهيون

نذير راڄپر، ممتاز شيخ ، آصف علي شاهاڻي، علي محمد ڀٽو، دلدار سيلرو، غوث ٻگهيو پاران مذمت

ڪراچي (رپورٽر) سهراب ڳوٺ ٿاڻي جي حد ۾ ڦرجي وارداتن ۾ رڪارڊ واڌ. ڏينهن ڏٺي صحافي انور مگسي کان موبائل ۽ روڪ رقم ڦر لاسي ڳوٺ بسم الله چوڪ وٽ ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار ڦورو صحافي کان موبائل فون، روڪ رقم ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري ويا اطلاع ڏيڻ جي باوجود پوليس دير سان پهتي. آدمشماري جي ڊيوٽي سان آهيون، نفري گهٽ آهي ان جي ڪري دير ٿي آهي: /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 28 مارچ 2023ع

اعليٰ منصبن جي توقير جو خيال رکيو وڃي

انگريز تاريخدان ۽ مفڪر ٽائن بي جو قول آهي ته، "تاريخ جو سڀ کان وڏو سبق اهو آهي ته تاريخ مان ڪڏهن ڪنهن سبق نه سکيو آهي". ٽائن بي جو اهو قول اسان جي سياستدانن ۽ حڪمرانن تي به لاڳو ٿئي ٿو، جن کي تاريخ مان سبق سکڻ جي ضرورت محسوس نه ٿي ٿئي. [illegible]

لفظن جي استعمال سان آرٽ کان آشنائي هڪ انتهائي اهم ڳالهه آهي، جنهن سان جنگين کي ٽاري سگهجي ٿو، محبت ۽ امن جا گل ٽڙي سگهن ٿا، سانت ۽ سڪون جو ماحول جُڙي سگهي ٿو، پر تدبر کان خالي لفظن جي استعمال سان دنيا ۾ جيتري تباهي آئي آهي، ايتري تباهي ۽ بربادي ائٽمي هٿيارن ۽ ميزائلن به نه آندي آهي. [illegible]

[illegible] طرفان ڏيوٽي ڪري رهيا هئا. بهرحال، هن وقت جيڪا نامناسب ۽ غير موزون لفظن جي ويڙهه شروع ٿي وئي آهي، اسان ان تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪريون ٿا، ڇو ته اها چڪتاڻ ڪي چڱا نتيجا نه آڻيندي. ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته پنهنجن پنهنجن منصبن جي توقير جو خيال رکيو وڃي. موجوده حالتن جي سنگينيءَ جو ادراڪ ڪيو وڃي.

سياسي سفر جو سرڪش سال

اعجاز منگي

مرزا غالب لکيو هو:

"ديکيي پاتي هين، عشاق بتون سي کيا فيض
اک برهمن ني کها هي ک يہ سال اچا هي!!"

هن مهل تائين پاڪستان جي ڪنهن به سياسي پنڊت اهو نه چيو آهي ته، "هي سال ملڪ جي سياستدانن لاءِ سٺو ثابت ٿيندو" ۽ نه وري ملڪ جي مقبول ليڊر عمران خان کي ڪا خاص اميد آهي ته "وردي ءَ وارا" هن مٿان مهربان ٿيندا. ان حوالي سان هن سال جي باري ۾ ڪا پيشن گوئي ڪرڻ مشڪل محسوس ٿي رهي آهي ته هن سال جي فائدي واري فال ڪنهن جي حق ۾ ايندي؟ پر اهو طئي آهي ته هلندڙ سال ملڪي سياست جي تاريخ جو اهم سال آهي، ڇو ته هن سال ۾ پاڪستان جي اقتداري سياست جو اُٺ ڪنهن نه ڪنهن طرف پاسو بدلائيندو. هيءَ مُونجهه ۽ هيءَ ماٺ ختم ٿيندي. هي اسٽيٽسڪو هن سال پنهنجي پڄاڻيءَ کي پهچندو. هن سال ۾ اها سياسي صورتحال صاف ٿي ويندي، جنهن ۾ تمام گهڻا ور وڪڙ آهن. جنهن جا پيچ ۽ خم هندستان جي ڪلاسيڪل اردو شاعريءَ کان گهٽ ناهن. هلندڙ سال جي دوران معاملو هڪ پاسي ٿي ويندو اها پڌري ۽ اها غيريقيني هڪ پاسي ٿي ويندي ۽ ملڪ جو سياسي منظرنامو صاف ٿي ويندو.

هلندڙ سال اسان کي اطلاع ڏيندو ته هاڻي پاڪستان جو سياسي سفر ڪهڙي رخ ۾ هلندو؟ ڇا لاءِ جو اپريل جي مهيني ۾ نه ته آڪٽوبر ۾ ئي سهي پر اهو معلوم ٿي ويندو ته ملڪ ۾ چونڊون ٿينديون يا نه ٿينديون؟ پاڪستان جي سياست ۾ هن مهل سڀ کان اهم ترين سوال اهو ئي آهي ته ڇا آئين تي عمل ڪيو ويندو؟ جڏهن ته اهو سوال تمام گهڻو سفاڪ ۽ سخت آهي. ڪنهن به ملڪ لاءِ اهو سوال هڪ الميو آهي جو پڇيا ڪيو وڃي ته ڇا آئين تي عمل ٿيندو؟ آئين معنيٰ سپريم قانون! قانون کان سواءِ ته ڪو معاشرو به پنهنجو وجود قائم رکي نه ٿو سگهي! هي ته ملڪ آهي. هي اهو ملڪ آهي، جنهن ۾ سڀ کان وڏي قانون يعني مهاقانون جي اهو چئي توهين ڪئي وئي ته "آئين ڇا هي؟ ڪجهه ڪاغذن جو مجموعو!!" جيڪڏهن ان قسم جي ڳالهه ڪنهن به مهان ۽ ڪنهن به مقدس شيءِ لاءِ چئي وڃي ته پوءِ اصول ۽ معيار ۽ قدر پائمال ڇو نه ٿيندا؟

پاڪستان ۾ آئين سان هٿ چراند ۽ آئين جي اکاڙ پڇاڙ جي هڪ ڏکي تاريخ آهي. هن ملڪ جي اقتدار جي راند ۾ آئين جو حشر هڪ ريفريءَ وارو نه پر ڪينهونءَ جهڙو ٿيندو نظر آيو آهي. هن مهل به اهو خدشو گهٽڻ جي دلين جو ڪڙو ڪڙڪائي رهيو آهي ته ڇا ٿيندو؟ ڇا چونڊون ٿينديون؟ ڪٿي ملڪ جي نازڪ صورتحال جي پيش نظر ايمرجنسي ته نه مڙهي ويندي؟ پر ان سوال سان گڏ اهي خدشا اکيون مهٽي اٿن ٿا ته ڇا هن دور ۾ اهو ممڪن آهي ته آئين کي مخصوص وقت لاءِ ئي سهي پر معطل ڪيو وڃي؟ هي سرد جنگ وارو زمانو ناهي. ان دور ۾ ٽين دنيا جا ملڪ اهڙا ميدان هئا، جتي آئين ۽ قانون سرعام قتل ڪيا ويندا هئا. آمريڪا ڪجهه به چوي پر ان حقيقت کان ڪو لبرل سياسي ذهن به انڪار ڪري نه ٿو سگهي ته جيڪڏهن آمريڪا نه چاهي ها ته چليءَ کان وٺي پاڪستان تائين فوجي آمريتون قائم نه ٿي سگهن ها. پاڪستان جي تاريخ اڄ ڏينهن تائين ان سوال جو جواب نه ڏئي سگهي آهي ته مرحوم جنرل مشرف کي اقتدار ۾ اچڻ جو آمريڪي اشارو مليو هو يا نه؟ پر اهو سڀني کي معلوم آهي ته آمر ايوب کان وٺي جنرل ضياءَ تائين جيڪي به وردي ءَ وارا آئين لتاڙي اقتدار ۾ آيا. انهن کي اهڙو حڪم وائيٽ هائوس مان مليو هو ۽ انهن جي حوالي اهو ڪم ڪيو ويو هو ته پنهنجو ملڪ پائمال ڪري پنهنجي پروفيشنل بندوق کي عوام تي تائين ۽ اهڙي طرح سان سوشلزم جي راهه کي روڪي سگهن. هن وقت عالمي منظرنامو تبديل آهي. ڪنهن سوچيو هو ته جنهن ملڪ جو نالو وٺڻ پاڪستان ۾ جيل ته ڇا پر ٽارچرسيل جي ياترا ڪرائڻ جهڙو هو اڄ ان ملڪ مان پاڪستان لاءِ سستي تيل جو جهاز اچي رهيو آهي ۽ اسان کي اميد آهي ته اهڙي آمد کان پوءِ پاڪستان جي معاشي مشڪلن ۾ ڪجهه نه ڪجهه آسانيءَ جي اميد پيدا ٿيندي.

هن وقت ته ملڪ جي معاشي صورتحال باهه جي ڪُوري جهڙي ۾ عوامي حق ۽ ضرورت کي رک ڪري رهي آهي. ماڻهو مهانگائيءَ سبب پنهنجي مٿان پاڻ مرادو پابنديون مڙهي رهيا آهن. هن دور ۾ ٿورو ڪمائڻ ۽ سادو گذارڻ هڪ چوائس نه پر هڪ مجبوري آهي. مٿئين طبقي جون عياشيون ۽ هيٺئين طبقي سان گڏ مڊل ڪلاس جي به معاشي حالت اهڙي آهي، جنهن ۾ زندگي سزا جيئن محسوس ٿي رهي آهي. پاڪستان ۾ سياست ڪنهن مخصوص منزل جي طرف وڌندي نظر نه ٿي اچي پر عوام ۾ جيڪو تيش ۽ تاءُ آهي، ان جو اندازو اسٽيبلشمينٽ کي ڪٿين نه هوندو؟ اهڙي ماحول ۾ آئين سان هٿ چراند جا نتيجا نهايت اگرا نڪرڻ جي پڪ هجڻ گهرجي. عمران خان پنهنجي آس پاس جيڪو لڙ گوڙ ۽ شور جو طوفان ڪلو ڪيو آهي، ان جا ملڪ جي عوام مٿان به اثر پئجي رهيا آهن. جڏهن ماڻهن جي لاءِ جيئڻ مشڪل ٿي پوي ته ان وقت ۾ آئين سان هٿ چراند جو مطلب ساوڻ جي ڏني ڪني چلندڙ درياهه جي بند کي ڪٽ هڻڻ برابر هوندو. ڇو ته عوامي ڪروڌ جو سيلاب هونءَ ئي پنهنجي وجود ۾ هڪ لوچ پوچ سمائي ڪچن بندن سان سر ٽڪرائي رهيو آهي. جيستائين عمران خان جو سوال آهي ته عمران خان هڪ وڏي سياسي قوت جي شڪل ضرور اختيار ڪري ويو آهي پر عمران خان جي سياسي شهرت جو ڪارڻ هن جي ذات ۾ عوام جي لاءِ اميدون ناهن. عمران خان جي ڪاميابي دراصل موجوده حڪمرانن کان عوام جي بيزاري آهي. عوام جو هڪ وڏو انگ عمران خان جو عاشق ناهي پر اهو پي ڊي ايم ۾ موجود خود غرض مطلبي سياستدانن جو مخالف آهي. عوام عمران خان جي سپورٽ ان لاءِ به ڪري رهيو آهي ته عوام پنهنجي مٿان هي ڪوڙ جو ماناڻ نه ٿو چاهي.

ملڪ جي سياسي ذهنن کي اهو سمجهڻ ۾ ڪا مشڪل پيش نه اچڻ گهرجي ته عوام جي اڪثريت آئين جي مطابق ملڪ کي هلندو ڏسڻ جي خواهشمند آهي. جيڪڏهن ڪنهن به سبب جي ڪري آئين کي ڪيتري به وقت لاءِ معطل ڪرڻ جي غلطي ڪئي وئي ته ان جا نتيجا عوامي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جي صورت ۾ ضرور پڌرا ٿيندا، ڇو ته عوام گهڻي وقت کان وٺي گهڻ طرفي مصيبت کي منهن ڏئي به خاموش ويٺو آهي ۽ عوام جي سلسلي ۾ بار بار اهو سوال به اڀاريو وڃي ٿو ته آخر هيتري ساري مهانگائي ۽ ملڪ ۾ موجود هر طرح جي مصيبت واري ماحول جي خلاف عوام احتجاج ڪرڻ لاءِ رستن تي ڇو نه ٿو نڪري؟ ان سوال جو سادو جواب اهو آهي ته جنهن ملڪ ۾ سياسي شعور ۽ سماجي تاڃي پيٽو مضبوط نه هوندو آهي ۽ نه وري عوام جي خود رو تحريڪن جي ڪا مضبوط روايت هوندي آهي، اتي عوام پاڻ مرادو روڊن تي ائين نه نڪرندو آهي، جيئن ڪارن لوڪن جي اشو تي آمريڪا ۾ نڪتو جيئن معاشي مسئلن تي ان مهل نڪرندو آهي، جڏهن دنيا جا سرمائيدار ملڪ پاڻ ۾ ملاقات ڪندا آهن. جڏهن ته ان جو اهو مطلب هرگز ناهي ته پاڪستان جي عوام ۾ پيڙا ناهي ۽ اهو پنهنجي مٿان پيل مصيبتن جو عادي بڻجي ويو آهي. پاڪستان جو عوام به پنهنجي ملڪ ۾ عوامي جدوجهد جي تاريخ ٺاهڻ جي خواهش رکي ٿو پر هن کي منظم طرح سان اهو ماحول ميسر ناهي، جنهن ۾ هو ٻاهر نڪري پنهنجي جمهوري احتجاج جو حق استعمال ڪري سگهي. پاڪستان جي عوام جي به احتجاجي تمنا ان فلمي گيت جهڙي آهي ته:

"دل مين طوفان چپائي بيٺا هون
يون نہ سمجهو ک مجه کو پيار نهين"

سو! پاڪستان جو عوام به پنهنجي اندر ۾ احتجاج جو طوفان سنڀالي ويٺو آهي ۽ ان جو احساس اسٽيبلشمينٽ کي به آهي ۽ جيڪڏهن پوري طرح سان ناهي ته هجڻ گهرجي.

ملڪ ۾ چونڊون آئين ۽ قانون جي مطابق ٿيڻ گهرجن ۽ ان سلسلي ۾ ڪا به "چونڪ چنانچہ" نه هجڻ گهرجي. سپريم ڪورٽ آئين جي تشريح ڪرڻ وارو اهو ادارو آهي، جنهن مٿان ڪو به دٻاءُ ڪنهن به ملڪ جي حق ۾ هرگز نه هوندو آهي. هن ملڪ جو وجود ۽ هن ملڪ ۾ هر سرڪاري ۽ رياستي چرپر جو اصل اختيار آئين وٽ آهي. آئين هڪ اهڙي اعليٰ تخليق آهي، جنهن کي سپريم ڪورٽ ته ڇا پر پارليامينٽ به پنهنجي اصل راهه تان ٿيڙي سگهڻ جي قانوني سگهه نه ٿي رکي. جيڪڏهن آئين چوي ٿو ته اسيمبليون معطل ٿيڻ جي صورت ۾ چونڊون نوي ڏينهن ۾ ٿيڻ کپن ته 91هون ڏينهن پوڻ هڪ وڏو ڏوهه هوندو.

آئين کي هن مهل تائين جيڪڏهن ڪو نقصان پهتو آهي ته اهو آمريتن مان پهتو آهي. عالمي منظرنامي ۾ هي اهو دور ناهي، جنهن دور ۾ آمريت جي زهريلي پوک پوکي سگهجي ٿي. اهو سوال ان حوالي سان به پنهنجو وزن وڃائي چڪو آهي جو پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ ڪجهه وقت کان وٺي ورِي ورجائي چيو آهي ته فوج سياست ۾ مداخلت نه ڪندي ۽ پنهنجو آئيني ڪردار ادا ڪندي رهندي. ان صورت ۾ هي سال ملڪي سياست ۾ اهم ترين سوال هجڻ گهرجي، ڇو ته هن سال ۾ ٿيندڙ چونڊن ۾ گهڻا ٻت پري پوندا. هن سال ۾ جيڪڏهن ڪو به ايڊوينچر نه ٿو ٿئي ۽ ملڪ سڪون سان چونڊن جي طرف وڌي ٿو ته عمران خان جي سوڀ يقيني آهي. پر عمران خان کي به معلوم هجڻ گهرجي ته هن عوامي اميدن جو جيڪو جن بوتل مان ڪڍيو آهي، اهو جن سڀائي هن جو گريبان جهلي هن جو اهڙو احتساب ڪري سگهي ٿو جنهن جو هن کي هن مهل ڪو خواب خيال به ناهي. پاڪستان جي سياست پنهنجي خاموش وهڪ سان ان طرف وڌي رهي آهي، جنهن طرف تبديليءَ جون تغيانيون پنهنجو ڀرپور اظهار ڪرڻ جي لاءِ تيار آهن.

هلندڙ سال ملڪ ۾ تبديليءَ جو نه پر تبديلين جي ابتدا جو سال سمجهيو وڃڻ گهرجي. تبديلين جو هي سفر ڪهڙي منزل ماڻيندو؟ ان سوال جو جواب به ڪنهن نجوميءَ وٽ ناهي پر سفر سدائين هڪ سلو عمل آهي. سفر صرف هڪ تحرڪ ناهي. سفر صرف منزل جي تلاش ناهي. سفر پنهنجي وجود ۾ هڪ منزل به آهي.

> صوفِي سالم سي ويا، جي اَڪثر سين اَڏيارَ؛
> بازي بازِندنِ کي، آهي اَويسارَ؛
> پِريا سين پَهڪارَ، رِنديءَ رَساڻي ڪيا

ورچوئل ريئلٽي يا "خيالي حقيقت" ۽ اُن جو استعمال

مستجاب زهرا ڪوسو

Virtual Reality هڪ خيالي حقيقت جو نالو آهي، جنهن ۾ انسان کي اهو محسوس ٿيندو آهي ته اسين پنهنجي چوڌاريءَ جيڪو ڪجهه ڏسون ٿا، اهو حقيقت ۾ موجود آهي پر حقيقت ۾ اهو سڀ خيالي دنيا جو وجود هجي ٿو. اهڙي خيالي دُنيا، جنهن جو وجود ڪمپيوٽر ڊيوائس جي مدد سان رکيو وڃي.

VR هڪ ڪمپيوٽر ٽيڪنالوجي آهي، جيڪا هڪڙو خيالي ماحول پيدا ڪري تصوير کي 360 ڊگري جو ڏيک ڏئي ٿي. اهڙي قسم جي ماحول ۾ هر شيءِ 3D ۾ ٺاهي ويندي آهي ته جيئن استعمال ڪندڙ اُن ڪمپيوٽر ذريعي ٺاهيل خيالي دنيا مان حقيقت جو لُطف حاصل ڪري سگهن.

اسان جي چوڌاريءَ ڪيترين ئي مشغوليون آهن، جن تي حقيقت ۾ تجربو ڪرڻ هر ڪنهن جي وس ۾ ناهي يا وري اُهي مشغوليون گهڻو ناڻو طلب ڪن ٿيون. اهڙي قسم جي حقيقتن کي هر ماڻهوءَ تائين پهچائڻ لاءِ computer device ذريعي VR جو استعمال عام ٿي ويو آهي.

ڪنهن کي به VR جي ٽيڪنالاجي کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ عدد ڪمپيوٽر ڊيوائس سان گڏ headset يا وري ڪنهن هيلميٽ جي ضرورت پوندي آهي. اهڙو headset پائڻ کانپوءِ اسان جون اکيون VR کي براهِ راست ڏسي سگهنديون آهن.

اهڙو headset پائڻ کانپوءِ اسان کي ڪمپيوٽر ڊيوائس ذريعي جنهن به قسم جي ماحول جو تصور ڏيکاري سگهجي ٿو، اهو تصور ڪنهن راند جو گرائونڊ به ٿي سگهي ٿو اهو تصور ڪنهن مشهور ملڪ جي صدر جو ذاتي گهر به ٿي سگهي ٿو.

ڪنهن راڻيءَ جي محل جو اندريون ڏيک به ٿي سگهي ٿو. اهو به ممڪن آهي ته اهڙي خيالي ماحول کي جنم ڏجي، جيڪو ڪڏهن حقيقت ۾ موجود ئي نه هجي.

اهڙي قسم جي VR جنهن کي اسين ڪمپيوٽر ذريعي پيدا ڪيل ماحول چئون ٿا، اِها ٽيڪنالاجي وڏين وڏين گهڻ قومياتي ڪارپوريشنس جي virtual meetings جو ذريعو به آهي.

VR وڏن وڏن فاصلن کي ننڍو ڪري ڏيکاريو آهي. VR جي ٽيڪنالاجي ٻين وڊيو ٽيڪنالوجين کان وڌيڪ جديد آهي. انهيءَ ذريعي ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان رابطو وڌيڪ آسان ٿئي ٿو.

جديد VR ٽيڪنالاجي جديد gaming جو هڪ اهم حصو آهي. جنهن جي ذريعي ڊجيٽل gaming دُنيا جي digitalized ٿيڻ جي ريس ۾ هڪ وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. VR جي مدد سان تعليم جي ميدان ۾ به وڏيون تبديليون اچي سگهن ٿيون. اهو به ممڪن آهي ته ايندڙ دور ۾ VR computer ٽيڪنالاجي سڄي دُنيا جي ٽيڪنالاجي تي راڄ ڪري ۽ ڪو به جديد ڪم انهيءَ کانسواءِ اڻپورو هجي.

بقايا *** 01

. پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيشي جي موقعي تي صحافين سان غير رسمي ڳالهين دوران سوال ٿيو ته ملڪ ۾ هن وقت فيصلا ڪير ڪري رهيو آهي؟ جنهن تي عمران خان جواب ڏنو ته اها ته سڀني کي خبر آهي. راڻا ثناءُالله جي بيان (يا هي رهندو يا اسان رهنداسين) بابت سوال تي عمران خان چيو ته خواهش ته اها آهي ته پٺي رهون پر جيڪڏهن هو چئي رهيو آهي ته ٻنهي مان هڪ رهندو ته ڪيس پڌائي ٿو ڇڏيان ته هو نه رهندو. پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته جيڪڏهن اڄ نامعلوم ماڻهو پوئتي هٽي وڃن ته هي حڪومت ختم ٿي ويندي. اڳوڻي وزيراعظم اليڪشن ڪميشن پاران چونڊون ملتوي ڪرڻ جي سببن کي غلط قرار ڏيندي چيو ته آڪٽوبر تائين معاشي بحران وڌيڪ سخت ٿي ويندو. ليول پليئنگ فيلڊ بابت سوال تي عمران خان چيو ته هنن لاءِ پنهنجا امپائر بيهاري کيڏڻ ٿي ليول پليئنگ فيلڊ آهي. نوازشريف ان انتظار ۾ ويٺل آهي ته مون کي قتل يا نااهل ڪيو وڃي ته پوءِ ملڪ واپس موٽان. صحافي طرفان سيڪيورٽي بابت سوال ڪيو ويو ته ڇا اوهان هن سيڪيورٽي مان مطمئن آهيو؟ ان تي پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته سيڪيورٽي ته آهي ئي ڪونه. سيڪيورٽي ته صرف پنهنجي آهي. صحافي طرفان عمران خان کان پڇيو ويو ته هاڻ اوهان صحتياب ٿي ويا آهيو، ڇا حڪومت سان ڳالهيون ڪنديون؟ پاڪستان ۽ عوام کي سياسي مفاهمت ۽ سياستدانن سان ڳالهين جي ضرورت آهي. ان تي عمران خان جواب ڏيڻ کان انڪار ڪندي چيو ته مان ان تي نٿو ڳالهائڻ چاهيان.

بقايا *** 02

مون کي گرفتار ڪري پنهنجي منصوبي تي عمل ڪرڻ کان روڪيو وڃي. ياد رهي ته گذريل ڏينهن نجي ٽي وي کي انٽرويو ۾ وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله ڪليل وارننگ ڏيندي چيو هو ته هاڻ عمران خان يا اسان مان ڪو به هڪ بچندو. راڻا ثناءُالله چيو هو ته عمران خان سياست کي اني آئي بيهاري ڇڏيو آهي جو هاڻ ٻنهي مان هڪ وجود ئي رهندو. ان لاءِ جڏهن اسان سمجهنداسين ته اسان جي وجود جي نفي ٿي رهي آهي ته اسان آخري حد تائين وينداسين. جنهن ۾ اهو نه سوچيو ويندو آهي ته اهو ڪم ڪريون يا نه ڪريون. اهو جمهوري آهي ۽ اهو غير جمهوري آهي. اهو اصولي ۽ اهو غير اصولي اهي سموريون شيون ختم ٿي وينديون آهن.

بقايا *** 03

ڪري رهي آهي. بئنچ ۾ جسٽس اعجاز الاحسن، جسٽس منيب اختر، جسٽس امين الدين ۽ جسٽس جمال خان مندوخيل پڻ شامل آهن. تحريڪ انصاف جي وڪيل بئرسٽر علي ظفر عدالت ۾ پيش ٿيو ۽ موقف اختيار ڪيو ته شپريم ڪورٽ جي حڪم جي ٽي پيرا توهين ڪئي وئي. جنهن تي چيف جسٽس پڇائو ڪيو ته چونڊ شيڊول ڪڏهن جاري ٿيو هو؟ پي ٽي آءِ جي وڪيل ٻڌايو ته اليڪشن شيڊول اٺ مارچ تي جاري ڪيو ويو هو. اليڪشن ڪميشن وٽ چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو اختيار ئي نه هو. گورنر کي پي کي شپريم ڪورٽ جي حڪم باوجود اليڪشن جي تاريخ نه ڏني. صدر اليڪشن ڪميشن سان صلاح مشوري کانپوءِ صوبائي چونڊن لاءِ 30 اپريل جي تاريخ ڏني. بئرسٽر علي ظفر جو چوڻ هو ته شپريم ڪورٽ نوي ڏينهن اندر چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو حڪم ڏنو هو. اسيمبلي ٽٽڻ جي 90 ڏينهن کانپوءِ چونڊن جي تاريخ ڏئي ڪري به توهين عدالت ڪئي وئي اليڪشن ڪميشن آئين ۾ ڦيرڦار ڪئي آهي يا وري معطل ڪري ڇڏيو آهي. سنڌس چوڻ هو ته گهرو ۽ بجاءِ واري وزارت پاران سيڪيورٽي اهلڪارن جي فراهمي کان انڪار ڪيو ويو. آئين انتظاميا پاران سهڪار نه ڪرڻ تي چونڊون ملتوي ڪرڻ جي اجازت نٿو ڏئي

۽ ان ڳالهه جي ڪهڙي گارنٽي آهي ته آڪٽوبر ۾ حالتون ٺيڪ ٿي وينديون؟ ٻڌڻي دوران جسٽس جمال مندوخيل پي ٽي آءِ جي وڪيل کان پڇائو ڪيو ته اوهان شپريم ڪورٽ کان ڇا پيا چاهيو؟ جنهن بئرسٽر علي ظفر جواب ڏيندي چيو ته شپريم ڪورٽ آئين ۽ پنهنجي حڪم تي عملدرآمد ڪرائي. جسٽس جمال مندوخيل جو چوڻ هو ته عدالتي حڪم تي عملدرآمد ڪرائڻ هاءِ ڪورٽ جو ڪم آهي. پي ٽي آءِ جي وڪيل چيو ته فنڊ نه هئڻ جي ڪارڻ کي قبول ڪري وٺون ته پوءِ ڪڏهن به چونڊون نه ٿينديون. معاملو رڳو عدالت جي حڪم تي عمل جو ناهي، ٻن صوبن جي اليڪشن جو معاملو هڪ هاءِ ڪورٽ نٿي ٻڌي سگهي، شپريم ڪورٽ پنهنجو اختيار استعمال ڪندي فيصلو ڪري چُڪي آهي، شپريم ڪورٽ وٽ هاڻي به اختيار آهي جسٽس منيب رمارڪس ڏنا ته شپريم ڪورٽ جي حڪم جي رستي ۾ اليڪشن ڪميشن جو فيصلو رنڊڪ بڻيو. شپريم ڪورٽ ئي بهتر فيصلو ڪري سگهي ٿي ته حڪمن جي پڄڪڙي ٿي آهي يا نه؟ پي ٽي آءِ جي وڪيل جو چوڻ هو ته پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جي عوام جي بنيادي حقن جو معاملو آهي، جنهن تي جسٽس جمال مندوخيل پڇاڻو ڪيو ته اوهان ڪهڙي عدالتي حڪم تي عملدرآمد چاهيو ٿا؟ ان تي بئرسٽر علي ظفر ٻڌايو ته مان پهرين مارچ واري حڪمنامي بابت ڳالهائي رهيو آهيان، جنهن ۾ نوي ڏينهن اندر چونڊن جو حڪم آهي. جسٽس جمال خان مندوخيل چيو ته ڇا پهرين مارچ وارو حڪم عدالتي حڪم آهي؟ ٻڌڻي دوران چيف جسٽس رمارڪس ڏيندي چيو ته منهنجو معزز سائي صحيح ٿيل عدالتي فيصلي جو حوالو ڏيڻ چاهي ٿو. سڀ کان اهم سوال اِهو آهي ته ڇا اليڪشن ڪميشن صدر پاران اعلانيل تاريخ ۾ ڦيرڦار ڪري سگهي ٿي؟ اِهو پهريون پيرو ٿيو آهي ته اليڪشن ڪميشن صدر طرفان ڏنل تاريخ کي بدلايو آهي. اسان کي ڏسڻو آهي ته اليڪشن ڪميشن وٽ صدر پاران ڏنل تاريخ بدلائڻ جو اختيار آهي يا نه. چيف جسٽس چيو ته آرٽيڪل 254 آئين ۾ ڏنل مدي کي تبديل نٿو ڪري سگهي. آرٽيڪل 254 آئين جي پڄڪڙي جي اجازت نٿو ڏئي. چيف جسٽس چيو ته انتهائي ڳڻتي جوڳي صورتحال آهي ته سمورين ڌرين جا هڪٻئي جي ڳچي ۾ هٿ آهن. تحريڪ انصاف ۽ حڪومت خاطري ڪرائي ته شفاف چونڊون چاهين ٿا يا نه؟ جيستائين سموريون ڌريون راضي نٿيون ٿين. اسان هوا ۾ ڪو به فيصلو نٿا ڪري سگهون. هن چيو ته ان جي تشريح حڪومتون ٺاهڻ يا ڪيرائڻ لاءِ نه هونديون آهن. آئين جي تشريح عوام لاءِ سوليون پيدا ڪرڻ لاءِ هونديون آهن. ٻڌڻي جي پڄاڻي تي چيف جسٽس رمارڪس ڏيندي چيو ته امن قائم ڪرڻ لاءِ تحريڪ انصا ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي؟ اليڪشن چاهيو ٿا ته ڌرين کي پُرامن رهڻو پوندو. عدالت شفاف چونڊن لاءِ پي ٽي آءِ حڪومت کان پُرامن رهڻ جي خاطري گهري ورتي. پي ٽي آءِ جي وڪيل چيو ته اليڪشن ڪميشن 22 هين مارچ تي چونڊن جي تاريخ رد ڪئي. صدر شپريم ڪورٽ جي حڪم تي چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪيو. اليڪشن ڪميشن تاريخ رد ڪري 8 آڪٽوبر جي نئين تاريخ جو اعلان ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن فنڊن جو جواز تسليم ڪيو ويو ته هر حڪومت ان بنياد تي چونڊون نه ڪرائيندي. شپريم ڪورٽ پي ٽي جي وڪيل جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ چونڊون ملتوي ڪرڻ تي اليڪشن ڪميشن کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو. عدالت گورنرن کي به چيف سيڪريٽري ذريعي نوٽيس جاري ڪندي درخواست جي ٻڌڻي سڀاڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ياد رهي ته ٻه ڏينهن اڳ پاڪستان تحريڪ انصاف پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ چونڊن جي تاريخ اڳتي وڌائڻ واري اليڪشن ڪميشن جي فيصلي خلاف شپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي هئي

بقايا *** 04

4 جو فيصلو آهي. فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته چيف جسٽس جي "ون مين پاور شو" جي اختيار تي نظرثاني ڪرڻي پوندي. سپريم ڪورٽ کي رڳو هڪ شخص جي فيصلن تي نٿو ڇڏي سگهجي. وقت اچي ويو آهي ته چيف جسٽس آفيس جو "ون مين شو" جو لطف ڪڻڻ جو سلسلو ختم ڪيو وڃي. پاڻمرادو نوٽيس جي اختيار بابت فل ڪورٽ ذريعي پاليسي ٺاهڻي پوندي. فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس کي وڏن اعزازن سان نوازيو ويندو آهي. افسوس جي ڳالهه آهي ته سپريم ڪورٽ قومي ادارن جي اختيارن کي ريگيوليٽ ڪرڻ جي ڳالهه ڪندي آهي پر پنهنجي اندر ۾ جهاتي ناهي پائيندي. سپريم ڪورٽ پنهنجي اختيارن جو ڍانچو ٺاهڻ ۾ مڪمل طور ناڪام رهي آهي. ٻن ججن جي فيصلي ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته چيف جسٽس وٽ پاڻمرادو نوٽيس، بئنچن جي جوڙ جڪ ۽ ڪيس فڪس ڪرڻ جو اختيار آهي. چيف جسٽس وٽ بي لغام طاقت آهي، جنهن مان هو لطف وٺندو آهي. چيف جسٽس طاقت جو استعمال ڪري سپريم ڪورٽ جو وقار گهٽايو ۽ سخت تنقيد ۾ رهيو آهي. فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته اسان ٻن ججن جو فيصلو جسٽس يحيٰ آفريدي ۽ جسٽس اطهر من الله جي فيصلي جو ئي تسلسل آهي. ڪيس ۾ هڪ پيرو ڪازلسٽ جاري ٿيڻ کانپوءِ بئنچ تبديل نٿي ٿي سگهي. آئيني اداري جي ميمبرن طور اسان جو هر عمل تاريخ جو حصو ٿيندو ۽ بحث هيٺ ايندو آهي. لارجر بئنچ ۾ چيف جسٽس عمر عطا بنديال، اعجاز الاحسن، جسٽس منصور علي شاهه، جسٽس منيب اختر، جسٽس يحيٰ آفريدي، جسٽس مظاهر علي نقوي، جسٽس جمال خان مندوخيل، جسٽس محمد علي مظهر ۽ جسٽس اطهر من الله شامل هئا.

بقايا *** 05

ڪري ورتي آهي. جڏهن ته 6 سيٽن تي گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس جي ڊي اي جا اميدوار ڪامياب رهيا. پيپلز پارٽي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين جي 16 مان 8 سيٽون کٽڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. 2 سيٽون جي ڊي اي ۽ 2 آزاد اميدوارن کٽي ورتيون. غيرحتمي، غير سرڪاري پارٽي نتيجن موجب جنرل ميمبر جي ٽوٽل 32 مان 21 سيٽون ٻ ب حاصل ڪيون. 2 سيٽن تي جي ڊي اي هڪ سيٽ تي ايم ڪيو ايم ۽ آزاد اميدوار ڪامياب ٿيا. ضلعي ڪائونسل جي ٽوٽل 11 مان 6 سيٽن تي پيپلز پارٽي پهرين نمبر تي رهي. ٻن تي جي ڊي اي ۽ هڪ سيٽ آزاد اميدوار جي حصي ۾ آئي. اليڪشن ڪميشن جي اختيارين موجب مڪاني چونڊن جي 13 سيٽن جا نتيجا اڃان رهيل آهن. ياد رهي ته مڪاني چونڊن ۾ چيئرمين، وائيس چيئرمين، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميمبر ۽ جنرل ميمبر جي سيٽن تي مقابلو هو. ان ٽڪن ۾ هنگامي ۽ ڏانڌلي جي الزامن تي چونڊون ملتوي ڪيون ويون هيون.

بقايا *** 06

. هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته عمران خان انارڪي پکيڙڻ چڏي آهي. اڃان ڪهڙي انارڪي پيدا ٿيندي. نامياري صحافي عمران شفقت جو چوڻ آهي ته بظاهر ته راڻا ثناءُ الله دعويٰ ڪري رهيو آهي پر اصل ۾ اهو فيصلو رياست جو آهي. پنجاب ۽ ڪي پي جون چونڊون به ملتوي ڪرڻ پليان به رياست جو ڪردار آهي. آئين جي پڄڪڙي آهي يا نه آهي ڪنهن کي ڳالهه پسند اچي يا نه اچي پر حقيقت اها آهي ته رياست ڪنهن به طرح عمران خان کي جاءِ ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي. ان جو احساس عمران خان کي به ٿي ويو آهي. ان ڪري هن تقرير ۾ چيو ته اسٽيبلشمينٽ سنڌس نالي تي ڪراس هڻي ڇڏيو آهي ۽ مون کي اقتدار ۾ ڏسڻ نه ٿي چاهي. عمران خان جي اها ڳالهه بلڪل به درست آهي. هوڏانهن نامياري صحافي ظفر نقوي جو چوڻ آهي ته جنرل (ر) باجوه تازو صحافي شاهد ميتلا سان ڳالهائيندي چيو هو ته وزيراعظم شهباز شريف سان ڪيڏي به سخت ڳالهه ٻول ڪئي وڃي. ڪنڌ هيٺ ڪري ٻڌندو آهي. جواب ناهي ڏيندو. جنرل (ر) باجوه جي ان ڳالهه جو وزيراعظم آفيس سخت نوٽيس ورتو ۽ اسٽيبلشمينٽ کي پنهنجي تحفظات کان آگاهه ڪيو. جنهن تي جي ايڇ ڪيو جنرل (ر) قمر جاويد باجوه کي سخت پيغام اماڻيو آهي ته اوهان خاموشيءَ جو مظاهرو ڪيو. آئين موجب اوهان 2 سال انٽرويو نه ٿا ڏئي سگهو اوهان کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته اوهان پينشن ۽ ٻيون رعايتون اداري کان حاصل ڪري رهيا آهيو ان پيغام بعد امڪان آهي ته جنرل (ر) باجوه گمنامي ۾ هليو ويندو.

بقايا *** 07

ڪراچي ۾ داخل ڪيس جي سلسلي ۾ عدالت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ راهداري ريمانڊ جي استدعا ڪئي وئي. عدالت حسان نيازي کي ڪراچي وٺي وڃڻ جي لاءِ ٻن ڏينهن جو راهداري ريمانڊ ڏئي ڇڏيو. حسان نيازي خلاف ڪراچي جي جمشيد ڪوارٽر ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ٿيل آهي جنهن ۾ سنڌس مٿان ڇڙ ڏيارڻ تقرير جا قلم به شامل آهن.

ذريعن موجب ڪراچي پوليس حسان نيازي جي گرفتاري لاءِ اڄ پنجاب روانو ٿي سگهي ٿي.

بقايا *** 08

موجب اي سي ايل مان نالو نڪرڻ کانپوءِ گذريل ڏينهن صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ دبئي روانو ٿي ويو هو. شرجيل انعام ميمڻ کانپوءِ پ پ ايم پي اي فريال ٽالپر ۽ سهيل انور سيال به دبئي روانا ٿي ويا آهن. پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ۽ پيا پ پ اڳواڻ اڳ ئي دبئي ۾ موجود آهي. واضح رهي ته اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جي به ڏينهن اڳ دبئي جي اسپتال ۾ سرجري ٿي هئي. اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جو ذاتي ڊاڪٽر عاصم حسين به ساڻس گڏ آهي.

بقايا *** 09

جي سربراهه شيخ رشيد احمد جي پنجاب جي نگران وڏي وزير جي مقرري بابت درخواست داخل ڪئي هئي جنهن تي عدالت سڳوري فيصلو محفوظ ڪري ورتو هو عدالت سڳوري محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائيندي شيخ رشيد احمد جي درخواست کي رد ڪندي پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي جي مقرري کي صحيح قرار ڏئي ڇڏيو. شيخ رشيد نگران وڏي وزير جي مقرري کي چئلينج ڪيو هو ۽ پنهنجي موقف ۾ چيو هو ته محسن نقوي جي مقرري قانون جي ابتڙ ٿي. نگران وڏي وزير جا قدم صاف شفاف نه آهن عدالت پنجاب جي وڏي وزير جي مقرري کي ڪالعدم قرار ڏئي. ٻڌڻي دوران عدالت ريمارڪس ڏنا ته اليڪشن ڪميشن وٽ نگران وڏي جي مقرري جو مڪمل اختيار آهي. نگران وڏي وزير جو ڪم صرف چونڊون ڪرائڻ آهي اليڪشن ڪميشن جي وڪيل دليلن ۾ چيو ته درخواست ٻڌڻ جوڳي نه آهي. اليڪشن ڪميشن آئيني ادارو آهي. اليڪشن ڪميشن نگران وڏي وزير جي مقرري بابت ڌرين وچ ۾ اتفاق نه ٿيڻ تي نگران وڏي وزير جي مقرر ڪيو هو.

بقايا *** 10

هاءِ ڪورٽ جي سائيڊ تي سمورين گاڏين کي روڪي ورتو. عمران خان امڪاني طور تي جوڊيشل ڪامپليڪس ۾ پيچ ڊاهه جي ڪيس ۾ ضمانت لاءِ رابطو ڪندو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي رجسٽرار عمران خان جي عبوري ضمانتن جي درخواستن تي اعتراض واري ڇڏيا آهن. رجسٽرار آفيس عمران خان جي عبوري ضمانت جي 7 درخواستن تي اعتراض واريا آهن رجسٽرار آفيس اعتراض ڪيو آهي ته عمران خان بائيو ميٽرڪ ناهي ڪرايو.

بقايا *** 11

بيان ۾ هن چيو ته هو باجوا جي پهرين توسيع ۽ قانون سازي جي به خلاف هو. منهنجي راءِ هئي ته عمران خان جي حڪومت کي منطقي انجام تائين پهچڻ ڏنو وڃي. مريم نواز به عدم اعتماد کانپوءِ حڪومت جاري رکڻ جي خلاف هئي. هن چيو ته نوازشريف ان شرط تي حڪومت وٺڻ تي راضي ٿيو ته قانون سازي کان فوري بعد پي ڊي ايم حڪومت استعيفيٰ ڏئي ڇڏيندي. اهو به فيصلو به ٿي ويو هو ته مئي 2022ع ۾ شهبازشريف استعيفيٰ ڏئي ڇڏيندو. سنڌس چوڻ هو ته عمران جي ڌونس پي ڊي ايم کي فيصلو بدلائڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. عمران کي به اهو پيغام پهچايو ته مئي 2022ع ۾ حڪومت استعيفيٰ ڏيندي. شهبازشريف جنرل باجوا ۽ فوج پنهنجو طور تي به عمران خان کي ٻڌائي ڇڏيو هو هن چيو ته فوج عمران خان کي چيو هو ته 25 مئي تي لانگ مارچ ۽ اسلام آباد تي چڙهائي جو ڪو به جواز ناهي. هن سڀ چائيندي به 22 مئي تي پشاور لانگ مارچ جو اعلان ڪري ڇڏيو. هن جو مقصد اهو ته هو اسلام آباد تي چڙهائي ڪري نئين چونڊن جو ڪريڊٽ کڻڻ وٺندو. هو چونڊون نه، انتشار ۽ هنگامو چاهي ٿو.

بقايا *** 12

ڪارڪن ناهي. هو پاڪستان جو صدر آهي. ڪيس پاڪستان جي نمائندگي ڪرڻ گهرجي. رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ 23 مارچ تي هڪ آرڊيننس جاري ڪيو ويو آهي. جنهن تحت دڪاندار ڪاڏي پيئي جي شين جو مقرر اگهه تي وڪرو کي يقيني بڻائين ٻي صورت ۾ اهي شيون ضبط ڪري سرڪاري اگهه تي وڪروڪيون وينديون ۽ انهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي، نه رڳو ڏنڊ پر ڪين سزائون به ڏيڻ شروع ڪريڇڏيون آهن. منافعو وٺڻ ناقابل برداشت آهي. هو ڪالهه سومر ڏينهن سنڌ اسيمبلي جي ڪميٽي روم ۾ پريس ڪانفرنسڪري رهيا هئا بيرسٽر مرتضيٰ وهاب جو وڌيڪ چوڻ هو ته تازن ڏينهن ۾ بلاول ڀٽو دنيا جي سڀ کان وڏي دل جي بيمارين جي اسپتال جو بنياد جو پٿر رکيو جوهر فلائي ۽ عوام لاءِ ڪوليو ويو اسان خدمت تي يقين رکندا آهيون. مڪاني ادارن جي چونڊن جي صورتحال بابت هن چيو ته سنڌ حڪومت اليڪشنڪميشن کي خط موڪليو آهي. جنهن ۾ چيو ويو آهي ته ڪيترن ئي مهينن کانپوءِ مخصوص سيٽن تي چونڊون نه ٿي سگهيون. جنهن جيڪري چيئرمين/وائيس چيئرمين جون چونڊون ملتوي جو شڪار آهن ۽ مڪاني ادارن جا نمائندا حلف به نه کڻي سگهيا

آهن هن وڌيڪ چيو ته رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ کائڻ پيئڻ جي شين جي قيمتن کي وڌي ڪري منافع خور فائدو کڻدا آهن ان جو نقصان عام ماڻهوءَ کي ٿيندو آهي. ماضي ۾ قيمتن تي ڪنٽرولڪرڻ جو طريقو بلڪل سادو هو. هن ڀيري ان ڳالهه کي يقيني بڻايو ويندو ته سموريون شيون سرڪاري اگهه تي وڪروڪيون وڃن. قانون ۾ تبديلي ڪئي وئي آهي. دڪانن تي سخت ڏنڊ وڌو ويندو دڪان کي سيل ۽ استالن کي ضبط ڪري سگهجي ٿو. ضبط ڪيل شيون نيلام ڪرڻ لاءِ آرڊيننس پاس ڪيو ويو آهي. ان آرڊيننس تحت پرائس انسپيڪٽر جا اختيار ڪمشنر، ڊپٽيڪمشنر کان علاوه 98 آفيسرن کي ڏنا ويا آهن. بئرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته سنڌ جي ٻين ضلعن جي آفيسرن کي اهي اختيار ڏنا ويا آهن. هن قانون جي سيڪشن 5 A ۾ اختيار ڏنو ويو آهي ته توهان قيمتون چيڪ ڪري سگهو ٿا ۽ شيون ضبط ڪري سگهو ٿا. ڪالهه مون پاڻ مختلف هنڌن جو دورو ڪيو. بجٽ بازارن ۾ قيمتون ڪنٽرولڪيون ويون آهن پر انهن اگهن تي عمل نه پيو ڪيو وڃي پاڪ ڪالوني ۾ مان عام ماڻهو ٿي ڪري ويم آٽان جو ريٽ پڇيو ته ان 200 درزن ٻڌايو. ساڳئي وقت اهو مال ضبط ڪري سرڪاري ريٽ تي نيلام ڪيو ويو. اهو خوف اهم آهي، حڪومت هن معاملي ۾ ان کي نيڪٽرڻ لاءِ سنجيدگي سان ڪرشڪڻيون پيون وڃن. شهرين کي گذارش آهي ته جيڪي ماڻهو سرڪاري اگهه تي سامان وڪرو نه ڪري رهيا آهن انهن جي شڪايتڪن. اسان انهن سمورن ماڻهن جي خلاف ڪارروائيڪنداسين. بئرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ سنڌڪابينا فيصلو ڪيو هو ته اٽي جي مد ۾ ٻه ٻه هزار روپيا ڏنا ويندا اها رقم 78 لک خاندانن ۾ بي آئي ايس پي پروگرام جي تحت ڏني ويندي اربع کان شروع ٿي ويندي پهرين فيز ۾ 38 لک ماڻهن کي رقم فراهم ڪئي ويندي بقايا 40 لک ماڻهن کي ٻه يا ٽئي اپريل کان رقم جي ادائيگي جو سلسلو شروع ٿي ويندو هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته مشڪل حالات ۾ ماڻهو جلسن ۾ لڳل آهن رليف جي ڪمن ۾ پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت ڪم ڪري رهي آهي عوام کي درپيش مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سڀني کي ملي ڪري ويهڻ جي ضرورت آهي عمران خان نٿو چاهي ته ماڻهن جا مسئلا حل ٿين هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته جڏهن قومي اسيمبلي جي ميمبر کي گرفتار ڪيو پيو وڃي تڏهن عارف علوي کي خيال آيو ته خط لکڻون ڇا اڄ ٿي ان وٽ ليپ ٽاپ آيو آهي اصول جي ڳالهه ته پوءِ سڀني لاءِ هڪ ٿيڻ گهرجي ڪنهن جي خلاف ڪوئي مقدمو آهي ته ڪارروائي ۾ ڪنهن کي روڙا اٽڪائڻ نه گهرجن ها بغير ڪنهن شڪايت جي ڪارروائي نه ٿيڻ گهرجي عارف علوي پاڪستان جا ترجمان آهن پاڪستان جي ترجماني ڪرڻ گهرجي پي ٽي آئي جي نه. اليڪشن ڪرائڻ اليڪشن ڪميشن جو ڪم آهي سپريم ڪورٽ جو اليڪشن ڪميشن جي حوالي سان جيڪو فيصلو آيو هو ته 90 ڏينهن ۾ اليڪشن ڪرائڻ گهرجن فيصلي جي مطابق جيڪڏهن نه ڪرائي سگهيا اليڪشن 90 ڏينهن ۾ ته جلد کان جلد چونڊيون ڪرائڻون آهن.

بقايا *** 13

کي ختم ڪرڻ جو ڪوبه ارادو نه آهي هن چيو ته راڻا ثناءُالله خلاف سمورا ڪيس ٽيب جا هئا ۽ ٽيب کي سڀ خبر آهي ته اسان جي حڪومت واري دور ۾ ڪنهن تي ڪيس ناهيا ويا. اسد عمرچيو ته ڪيسن جو انگ ڏئو ويندو ته خبر پئجي ويندي ته اهي سمورا ڪيس ڪوڙا آهن ۽ اهو سڀ ڪجهه جاني واڻي ڪيو پيو وڃي. گذيل طور تي سمورن ڪيسز جي حوالي سان اسان جي پٽيشن تيار ٿي وئي آهي. صرف اسلام آباد مان 500 ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 14

ٿي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري ۾ سخت جملن جي ڏي وٽ ٿي. ايڊووڪيٽ جنرل اسلام آباد ٻڌڻي دوران چيو ته مان به سيڪيورٽي جي حوالي سان ڳالهايو آهي. جنهن تي فواد چوڌري چيو ته اوهان ڪجهه ناهي ڳالهايو. اوهان ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهيو. ايڊووڪيٽ جنرل اسلام آباد فواد چوڌري کي جواب ڏنو ته اوهان ڪان وڌيڪ هير ڪير به ڪوڙ ناهي ڳالهائيندو. جنهن تي عدالت فواد چوڌري ۽ ايڊووڪيٽ جنرل اسلام آباد کي اهڙين ڳالهين ڪرڻ کان منع ڪري ڇڏيو چيف جسٽس چيو ته سيڪيورٽي جي معاملي تي وفاق ڏانهن نوٽيس اماڻي رهيا آهيون ۽ پوليس کي به گرفتاري کان روڪي رهيا آهيون. رياست ان ڳالهه کي محسوس ڪري ته هو رياست آهي. حڪومت ته ايندڙون وينديون رهنديون آهن. رياست پنهنجي شهرين جي لاءِ موجود هوندي آهي.

بقايا *** 15

.اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي شيخ رشيد احمد چيو ته خان صاحب جا سوين ڪيس آهن. سنڌس خلاف ڊار ڪيس آهن. سنڌس چوڻ هو ته عمران خان ۽ هو پنهنجي ڪيسن جو بچاءُ ڪري رهيا آهن. راڻا ثناءُ الله جو دماغ خراب ٿي ويو آهي. سنڌس برو انجام

ٿيندو عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد احمد چيو ته راڻا ثناءُ الله ماڊل ٽائون ۾ ڇا ڪيو آهي ان تي هو پنهنجي انجام تي پهچندو. هو جهڙي طرح للڪاري رهيو آهي بدمعاش ۽ پاڙي جو قاتل آهي. هن چيو ته راڻا ثناءُ الله گهرو ويڙهه چيڙي رهيو آهي جنهن جو هو پاڻ شڪار ٿي ويندو. اِهو چوڻ ته يا اسين رهنداسين نه يا هو. پارٽيون ڪڏهن به ختم ناهن ٿينديون. ڪيئي بد نيت ماڻهو ختم ٿي ويا. هن چيو ته جنرل (ر) باجوا چئي ٿو ته هن انٽرويو ناهي ڏنو. جڏهن ته منهنجي امڙ گذاري وئي آهي ته ڪوڙ ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو اٿم. منهنجي اڳوڻي آرمي چيف سان ڪا به ملاقات ناهي ٿي. مان ڪاليج ۾ هئس ته جنرل (ر) باجوا منهنجو جونيئر هو صحافي شيخ رشيد کان سوال ڪيو ته جنرل رٽائرڊ باجوا ڪهڙو ماڻهو آهي؟ جنهن تي هن چيو ته اهو سوال ڪانئنس ئي پڇي وٺو.

بقايا *** 16

جڳهن تي عوام جي سهولت ۽ مهانگائي کان ڪجهه رليف لاءِ بجٽ بازارون لڳايون ويون آهن، جتي عوام کي سستي ۽ معياري شيون ميسر ٿينديون. اهڙن خيالن جو اظهار هن ضلعي سينٽرل جي حيدري مارڪيٽ ۾ قائم بجٽ بازار جي افتتاح ۽ دوري جي موقعي تي عوام ۽ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي ڪيو. ان موقعي تي ڊپٽيڪمشنر سينٽرل ضلعي طحه سليم، ميونسپل ڪمشنر آفاق سعيد، اسسٽنٽڪمشنر نارٿ ناظم آباد حازم ٻنگوار، فوڪل پرسن بجٽ بازار نارٿ ناظم آباد شعمزہ صدف ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. صوبائي وزير چيو ته جتي مهانگائي وڌي رهي آهي اتي عوام کي حڪومت کان وڏيون اميدون آهن. ان ڪري اسان ڪوششڪري رهيا آهيون ته عوام کي هر ممڪن رليف ڏنو وڃي ۽ سستي بازارن ۾ عوام کي سستي اگهه کان گهٽ ۾ شيون ملن. هن چيو ته اڄي پوشاڪ وارا ماڻهوڏينهونڏينهن وڌندڙ مهانگائي کان سخت پريشان آهن. هي اهو طبقو آهي جيڪوڏکي وقت ۾ ڪنهن جي به مدد لاءِ هٿڦهلائي نٿو سگهي. اهي اسان جي وچ ۾ آهن. ان ڪري اسان کي پنهنجي آس پاس اهڙن سفيد پوش ماڻهن جي مدد ڪرڻگهرجي. هن چيو ته جيڪي به هن نيڪڪم ۾ حصوونڊي رهيا آهن اهي خراج تحسين جا مستحق آهن. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته سنڌ حڪومت اٽي تي سبسڊيڏئي آهي. هاڻي اها دڪاندارن جي ذميواري آهي ته اهي ڏنل اگهه تي عوام کي سهولت ڏين. ان کان اڳ صوبائي وزير سيده شهلا رضا بجٽ بازار جي مختلف اسٽالن جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ اسٽالن تي وڪروٿيندڙ شين جي اگهن جو پڻ جائزو ورتو ان موقعي تي ماڻهن سستيون مارڪيٽون لڳائڻ تي حڪومت جو شڪريہ ادا پڻ ڪيو.

بقايا *** 17

جيولرز ايسوسيئيشن موجب ملڪ ۾ سون جو في تولو ياڻهن سئو رُپيا لاٿ بعد به لک چار هزار ڇهه سئو رُپين جي ٿي ويو آهي. ڏهه گرام سون جي قيمت به 944 رُپيا گهٽجڻ بعد هڪ لک سٺ هزار ست سئو چوراڻوي رُپيا ٿي وئي آهي. عالمي مارڪيٽ سون جو مُلهه 28 ڊالر سستو ٿيڻ بعد 1950 ڊالر في اونس ٿي ويو آهي.

بقايا *** 18

موجب نصيرآباد چيڪ پوسٽ تي چيڪنگ دوران 20 ڪلو چرس هٿڪري هڪ جوابدار غلام شبير کي گرفتار ڪري سنڌس خلاف ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي. چرس گاڏي نمبر بي بي 569 مهرائماتهڪيو ويو. جوابدار رتو ديرا جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي. صوبائي وزير ايڪسائيز اينڊٽيڪسيشن ۽ اينٽي نارڪوٽڪس مڪيش ڪمار چاولا ڪامياب ڪارروائي تي مبارڪباد ڏيندي اميد ظاهر ڪئي ته ڪاٿي جا آفيسر منشيات فروشن خلاف پنهنجي ڪارروائي جاري رکندا.

بقايا *** 19

اگهه تي وڪرو کي يقيني بڻائڻ لاءِ به قدم کڻي رهي آهي. جڏهن ته منافع خورن خلاف به موقعي تي ئي ڪارروائي ڪئي پئي وڃي. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ ناظم آباد بجٽ بازار جي دوري جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سينٽرل طحه سليم ۽ ٻيا آفيسر پڻ صوبائي وزير سان گڏ هئا. صوبائي وزيرجام اڪرم الله ڌاريجو مختلف اسٽالن جو دورو ڪيو ميون، ڀاڄين ۽ ٻين شين جي معيار جو جائزو ورتو صوبائي وزير دڪاندارن کي هدايت ڪئي ته اهي سرڪاري اگهه تي شيون وڪرو ڪن. صوبائي وزير جام اڪرم الله ڌاريجو وڌيڪ چيو ته سنڌ جي وڏي وزير جي هدايتن تي ڪابينا جا ميمبر ۽ اسيمبلي جا ميمبر سڄي صوبي جي بازارن جو دورو ڪري رهيا آهن. انهن دوري جو مقصد رمضان المبارڪ دوران عوام کي سرڪاري قيمتن تي ضروري شين جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ آهي. هن چيو ته منافع خورن ۽ ملاوٽ ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي پئي وڃي. سنڌ حڪومت عوام کي هر سطح تي بنيادي شين جي فراهمي کي يقيني بڻائي رهي آهي. عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ سڄي صوبي ۾ بجٽ

بازارون قائم ڪيون پيون وڃن صنعت. گذيل امداد ڪاٿي واري وزير جام اڪرم الله ڌاريجو چيو ته ڪمشنر ڪراچي پرائس لسٽ جاري ڪري ڇڏي آهي پر منافع خورن جون شڪايتون ملي رهيون آهن. وفاقي حڪومت پاران مفت اٽي جي فراهمي هڪ سٺو قدم آهي. سنڌ ۾ به مفت اٽي جي فراهمي بابت جلد قدم کڻڻ جو امڪان آهي. ان موقعي تي صوبائي وزير اسٽالن جو انگ وڌائڻ جي به هدايت ڪئي. هن چيو ته ضلعي انتظاميا کي حڪم ڏنو ويو آهي ته بازارن ۾ سيڪيورٽي جا بهتر انتظام ڪيا وڃن. سنڌ جي وڏي وزير هر ضلعي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 5 بجٽبازارون قائم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي، جنهن تي عمل ڪيو پيو وڃي. اڳواٽ برسات جي اعلان کانپوءِ نالن جي صفائي جو ڪم پڻ شروع ڪيو ويو آهي. صوبائي وزير جي دوري جي موقعي تي عوام سنڌ حڪومت جي قدمن کي ساراهيو.

بقايا *** 20

پرتشدد ٿي ويا آهنشهرين تل ابيب جي مرڪزي شاهراهه بند ڪري احتجاج ڪيو. ان کانسواءِ اسرائيلي وزيراعظم جي رهائشگاهه آڏو به ڌرڻو هنيو ويو ٻئي پاسي نيويارڪ ۾ اسرائيل جي قونصل جنرل به مستعفي ٿي ويو آهي ۽ اُن مظاهرين جي حق ۾ آواز بلند ڪيو هو

بقايا *** 21

ٿيندو چيف سيڪريٽري سنڌ صدارت ڪندو جنهن ۾ شماريات بيورو چيف سميت ٽيم به شرڪت ڪندي. سنڌ ۾ آدم شماري جي سلسلي ۾ پيش ايندڙ مسئلن تي غور ڪيو ويندو. سنڌ حڪومت وفاق کان آدم شماري جي مد ۾ فنڊن جو مطالبو ڪيو هو

بقايا *** 22

چوڪري سميت ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. جيڪي قتل جي رٿابندي ۽ سهولتڪاري ۾ ملوث آهن جاچ ذريعن موجب خالد رضا جي قتل ۾ به اجرتي ٽارگيٽ ڪلر ملوث هجڻ جو انڪشاف سامهون آيو آهي. گڏيل اداري جي ڪارروائي ۾ حراست هيٺ عورت سميت به جوابدار مقتول خالد رضا جي نگراني ۽ ريڪي ۾ ملوث رهيا. ذريعن جو چوڻ آهي ته ريڪي جو ٽاسڪ مڪمل ٿيڻ تي طئي ٿيل اُجرت جي رقم انهن جي موبائل فون اڪائونٽ ۾ فراهم ڪئي وئي. جوابدارن مقتول جي گهر جون وڊيوز ۽ گهر اچ وڃ جي وقت جا تفصيل فراهم ڪيا. جاچ ذريعن موجب گرفتار جوابدارن جي موبائل فون مان اهي تفصيل ريڪور ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. واضح رهي ته تعليمي ماهر خالد رضا کي 26 فيبروري جي رات گلستان جوهر ۾ ٽارگيٽ ڪري ماريو ويو هو.

بقايا *** 23

وڌيڪ رمضان بجٽ بازارون لڳايون ويون آهن. اسماعيل راهو وڌيڪ چيو ته ڪراچي ۾ منافع خوري ۽ ذخيره اندوزي ڪندڙن تي 10 لک روپيا ڏنڊ ۽ ڪيترن ئي دڪانن کي سيل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته سنجهورو ۾ خراب اٽو وڪرو ڪرڻ تي فلورمل سيل ڪئي وئي. هن چيو ته منافع خوري ۽ ذخيره اندوزي ڪندڙن خلاف سنڌ حڪومت سخت ايڪشن وٺي پئي ۽ وزيراعليٰ سنڌ پاران سنڌ صوبي جي سمورن ضلعن ۾ وزيرن. اسپيشل اسپيشل ۽ ايم پي ايز کي نگران مقرر ڪريڇڏيو آهي. سنڌ صوبي ۾ ڊپٽيڪمشنرن جي آفيسن ۾ شڪايتي مانيٽرنگ سيل قائم ڪيا ويا آهن. سنڌ حڪومت عوام کي رمضان مهيني ۾ رليف فراهم ڪرڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪري رهي آهي.س

بقايا *** 24

اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي شاگردن کي اسڪالرشپسڏنيون وينديون. هن پنهنجي بيان ۾ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي خاص هدايتن تي گذريل سال جي مقابلي ۾ هن سال اسڪالرشپس جي فنڊن ۾ خاطر خواهه واڌڪئي وئي آهي، سال 22_2021 ۾ 3284 شاگردن کي اسڪالرشپسڏنيون ويون، جنهن ۾ 2044 يونيورسٽي ۽ 1240 ڪاليج جا شاگرد ۽ شاگرديائيون شامل هئا. هن چيو ته اسڪالرشپس ميرٽ جي بنياد تي ڏنيون وينديون. اسڪالرشپس جي عمل کي صاف، شفاف بڻائڻ لاءِ پهريون پيروڊرڊ پارٽي جون خدمتون حاصل ڪيون ويون آهن. ۽ آئي بي اي سکر کي اهو ٽاسڪڏنو ويو آهي، صوبائي وزير چيو ته درخواست فارم آئي بي اي سکر جي ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. ۽ شاگرد ۽ شاگرديائيون 30 اپريل تائين پنهنجون درخواستون آئي بي اي سکر کي اماڻين. هن چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته هلندڙ مالي سال جي پڄاڻي کان اڳ ۾ اسڪالرشپس جي ورڇ کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا *** 25

فيض گنج ۾ بجٽ بازارن لاءِ لڳايل اسٽال خالي پيل نظر آيون. ڪنڊ. گيهه. چانور ۽ ٻيون شيون وٺڻ لاءِ پهتل شهري مايوس ٿي واپس هليا ويا. سنجهورو ۾ قائم ڪيل بجٽ بازار ۾ غير معياري اٽو ملڻ خلاف شهرين احتجاجي مظاهرو

ڪري تعريبازي پڻ ڪئي شهرين جو چوڻ آهي ته سستي اٽي جي نالي تي صحت لاءِ هاڃيڪار گندو اٽو ڏنو پيو وڃي. حڪومت جون دعوائون ٺلهيون ثابت ٿيون. جهول ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر غير معياري اٽو فراهم ڪندڙ هڪ فلورمل کي سيل ڪري ڇڏي. اسسٽنٽ ڪمشنر جو چوڻ آهي ته احسن فلورمل مان غير معياري اٽو مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿي رهيو هو.

بقايا *** 26

گيس فيلڊ پرسان هٿياربندن نوجوان شاهد گرلي پٽ حضور بخش کي مبينا طور اغوا ڪري وياذريعن موجب نوجوان انڊس هاءِ وي کان گوٺ ڪندو گولو طرف وڃي رهيو هو ته هٿياربند اغوا ڪري ويا

بقايا *** 27

آرٿر نوجوان رانديگرن کي تجربيڪار رانديگرن سان گروم ڪرڻ جي صلاح ڏئي ڇڏي. هن چيو ته صائم ايوب، عبدالله شفيق ۽ محمد حارث باصلاحيت پليئر آهن. فرنچائز ڪرڪيٽ جي پيٽ ۾ عالمي ڪرڪيٽ جو دٻاءُ ۽ ذميواريون مختلف آهن. اڳوڻي ڪوچ جو چوڻ هو ته نوجوان رانديگرن کي گروم ڪريو ڪين وقت ڏيو ۽ تجربيڪار رانديگرن سان کيڏڻ جو موقعو ڏيو. اهڙي نموني سنڌن رانڊ ۾ بهتري ايندي.

بقايا *** 28

داخل مريض هڪ گوري لاءِ پريشان ، تعلقي اسپتال جي ٻارن جي وارڊ ۾ انتظام سهي نه هجڻ ڪري هر روز معصوم ٻار موت جي ننڊ سمهڻ لڳا. ان حوالي سان اسپتال ۾ داخل ٻارن جي والدين ڏانهيندي چيو آهي ته اسان مسڪين ۽ غريب آهيون ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان ٿيل آهيون اسان جا معصوم ٻار ڪيترن ڏينهن کان اسپتال اندر داخل آهن پر افسوس جو اسپتال انتظاميا اسان کي هر دوا پرائيويٽ اسٽورن تي لکي ڏئي ٿي ، پر اسان وٽ ڪائڻ لاءِ ڪجهه ناهي ته اسان ٻاهران دوائون ڪٿان وٺون .هنن چيو ته اسپتال اندر 24 ڪلاڪن ۾ صرف هڪ دفعو ڊاڪٽر چيڪ اپ لاءِ اچن ٿا . ان موقعي تي داخل ٻارن جي والدين چيف جسٽس ، ايم اين اي سردار محمد بخش خان مهر ۽ صوبائي وزير جام اڪرام خان ڌاريجو کي اپيل ڪئي ته خدارا اسپتال انتظاميا خلاف قانوني ڪاروائي ڪري اسان جي ٻارن جو زندگيون بچايون وڃن.

بقايا *** 29

مهيني ۾ عوام کي سستي اگهه تي ضروري شيون فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. عوام انتظاميا سان سهڪارڪندي منافع خورن جي نشاندهي ڪن. اهڙن خيالن جو اظهار هن ماڊلڪالوني واري علائقي ۾ سنڌ حڪومت پاران لڳل بجٽ بازار جو دورو ڪندي شهرين ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. سرينڌر ولاسائي چيو ته سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه منافع خورن سان سختي سان منهن ڏيڻ جي هدايت ڪئي آهي. هن زور ڏنو ته شهري مطالبو ڪن ته ضروري شيون خريد ڪرڻ وقت واپارين کي ريٽ لسٽ ڏيکاري وڃي. هن عوام کي اپيل ڪندي چيو ته هو سرڪاري اگهه کان وڌيڪ اگهه تي شيون خريد نه ڪن. انتظاميہ سان سهڪارڪن ۽ منافع خورن جي نشاندهي ڪري قانوني ڪارروائيڪئي وڃي. هوڏانهن سنڌ جي وڏي وزير جي انساني حقن بابت خاص مددگار سرينڌر ولاسائي بجٽ بازار ۾ لڳل شين جي اسٽالن جو دورو ڪيو. ريٽ لسٽن ۽ شين جي معيار جو جائزو ورتو سرينڌر ولاسائي بجٽ بازار جي حوالي سان موجود شهرين کان راءِ به ورتي. شهرين سنڌ حڪومت پاران رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ بجٽ بازار منعقد ڪرڻ جي قدم کي ساراهيو ۽ بازار جي انتظامن تي اطمينان جو اظهار ڪيو. سرينڌر ولاسائي بجٽ بازار ۾ بهتر انتظامن تي لاڳاپيل اختيارين جي واکاڻ ڪئي ۽ عوام جي سهولت لاءِ اسٽالن جو تعداد وڌائڻ جي هدايت ڪئي. ان موقعي تي ايم ڪيو ايم ميمبر سنڌ اسيمبلي حميد الظفر، اسسٽنٽڪمشنر منشاد شاهاڻي ۽ ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا *** 30

بجٽ بازار ۾ مختلف اسٽالن جو دورو ڪيو ۽ ريٽ لسٽ پڻ چيڪ ڪئي. صوبائي صلاحڪار عوام سان ڳالهيهبولههڪئي ۽ بجٽ بازار ۾ موجود شين ۽ انهن جي قيمتن بابت پڇيو ان موقعي تي موجود ماڻهن مارڪيٽ ۾ شين جي اگهن تي اطمينان جو اظهار ڪندي انهن کي حڪومت طرفان جاري ڪيل ريٽ لسٽ موجب قرار ڏنو صوبائي صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو چيو ته سنڌ حڪومت سنڌ جي عوام کي سستي اگهه تي استعمال جو سامان فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. سنڌ جي وڏي وزير منافع خورن خلاف قانوني ڪاروائيڪرڻ جا حڪم جاري ڪريڇڏيا آهن. هن عوام کي پڻ اپيل ڪئي ته هو ڪنهن به اگهن تي شين کي وڪرو ڪرڻ وارن خلاف شڪايتون داخل ڪرائين ۽ اهڙن دڪاندارن کان شيون نه خريد ڪن. ان موقعي تي ڊپٽيڪمشنر ضلعي سينٽرل طحه سليم، اسسٽنٽڪمشنر دادن لاشاري ۽ ٻين آفيسرن جو وڏو انگ موجود هو.

بقايا | سنڌيار | 01

اڳواڻن ايڊووڪيٽ حنيف احمد نوناري، مير ذوالفقار علي نوناري، چام سجاد نوناري، محمد اسماعيل نوناري، ڊاڪٽر عرفان نوناري ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ڪنڌڪوٽ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ راڄ قائم ٿي ويو آهي اتان جو عوام غير محفوظ بڻيل آهن ڏاڙيل سرعام اغوا جون وارداتون ڪري لکين روپيا ڀنگ عيوض مغوين کي آزاد ڪن ٿا ڪنڌڪوٽ ڪشمور پوليس ڏاڙيل جي سهولت ڪار بڻيل آهي. هنن چيو تہ 7 ڏينهن اڳ هوٽل تان حسيب نوناري ۽ عبدالرؤف نوناري کي اغوا ڪيو ويو آهي جن جي بازيابي لاءِ پوليس هن وقت تائين ڪوبہ تحريڪ ناهي ورتو پوليس توڙي رياستي ادارا عوام کي تحفظ ڏيڻ ۾ ناڪام بڻجي چڪا آهن سنڌن چوڻ هو تہ اسين سرڪار کي ٽيڪس پنهنجي جان و مال جي تحفظ لاءِ ڏيون ٿا پر پوءِ بہ اسين غير محفوظ آهيون هنن آءِ جي سنڌ پوليس سميت ٻين اعلي ادارن کان گهر ڪئي آهي تہ حسيب نوناري ۽ عبدالرؤف نوناري سميت ڪنڌڪوٽ ڪشمور مان اغوا ٿيل سمورن ماڻهن کي آزاد ڪرائي ڏاڙيل راڄ کي ختم ڪري عوام کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا | سنڌيار | 02

پيدا ڪندڙ انين نمبر تي وڏو ملڪ آهي. تفصيل موجب رمضان المبارڪ جي آمد سان ٻين ڪاڏي پيتي جي شين سان گڏ و گڏ اٽي جا اگهہ بہ ڪنٽرول مان نڪري ويا، ملير جي مختلف علائقن ۾ اٽو بحران جي صورت اختيار ڪرڻ لڳو ۽ قيمت جي اعتبار سان تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي ويو. عام مارڪيٽ ۾ دڪاندار پنهنجي مرضي جا اگهہ وٺڻ لڳا دڪاندارن پاران اٽي جو 10 ڪلو جو ٿيلو 1500 سو کان 1600 سو ۾ وڪرو جاري آهي جڏهن تہ قيمتون ڪنٽرول ڪرڻ وارا ادارا مڪمل لاپتا آهن فلور ملز ايسوسيئيشن طرفان 10 ڪلو اٽي جي ٿيلهي جو اگهہ 1290 مقرر ڪرڻ باوجود فلور ملز بہ پنهنجي مرضي جو اگهہ 10 ڪلو اٽي جو ٿيلو 1340 روپيا قيمت وصول ڪرڻ لڳي، جڏهن تہ اٽو نہ ملڻ جي خوف سبب ماڻهو اُن مهانگي اگهہ تي اٽو خريد ڪرڻ تي مجبور آهن. ياد رهي تہ نيي سال جي ڪٽڪ جو وڪرو بہ پڻ مارڪيٽ ۾ جاري آهي ۽ حڪومت پاران ڪٽڪ جو اگهہ 4000 في مڻ مقرر ڪيو ويو آهي

بقايا | سنڌيار | 03

سان گڏ ٺٽي ۾ قائم رمضان بچت بازار جو دورو ڪري مختلف اسٽالن جو معائنو ڪيو ۽ صورتحال جو جائزو ورتو ان موقعي تي خاص مددگار صادق علي ميمڻ ڳالهائيندي چيو تہ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي خاص هدايتن تي سڄي سنڌ وانگر ٺٽي شهر سميت ضلعي جي مختلف شهرن ۾ پڻ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان ضلعي انتظاميہ پاران رمضان بچت بازارون قائم ڪيون ويون آهن تہ جيئن هن برڪتن واري مهيني ۾ عوام کي رليف فراهم ٿي سگهي. هن چيو تہ سستي رمضان بچت بازارن ۾ قيمتن ۽ معيار کي نظر ۾ رکندي ضروري شيون فراهم ڪيون پيون وڃن تہ جيئن غريب ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪري سگهن. وزير اعليٰ سنڌ جي خاص مدد صادق علي ميمڻ چيو تہ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت هر وقت ڪوششون وٺي رهي آهي ـ هن بچت بازار جي قيام تي ضلعي انتظاميہ جي ڪوششن کي پڻ ساراهيو ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر رياض حسين لغاري چيو تہ ضلعي انتظاميہ پاران ضلعي جي سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن، مختيارڪارن ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن کي واضع هدايتون جاري ڪيون ويون آهن تہ رمضان المبارڪ دوران مارڪيٽن، بازارن ۽ دڪانن تي اوچتا چاپا هنيا وڃن ۽ ناجائز منافع خورن ۽ ذخيرا اندوزي ڪندڙن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي تہ جيئن روز مرهہ استعمال وارين شين جي قيمتن تي ضابطو آڻي سگهجي. هن چيو تہ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ ضلعي انتظاميہ جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي.

بقايا | سنڌيار | 04

ٽريفڪ چوڪي ٺٽو لڳ بچت بازار ۾ ڪاڏي پيتي جي شين سميت مختلف اسٽال لڳڻ شروع ٿي ويا. انهي موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو شفيق احمد آريسر ۽ اسسٽنٽ مختيار ڪار ٺٽو عزيز ميمڻ صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو فاروق احمد سومرو پاران ملندڙ هدايت ڪانپوءِ ٺٽي جي واپارين سان رابطو ڪري ضلعي انتظاميا پاران لڳندڙ بچت . بازار ۾ اٽي سميت ڪاڏي پيتي جو سامان جنهن ۾ اٽو کنڊ . تيل ـ پاچين ۽ مرغي سميت روز جي استعمال ۾ ايندڙ شين جا اسٽال لڳرايا پيا وڃن ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو شفيق احمد آريسر ۽ اسسٽنٽ مختيارڪار ٺٽو عزيز ميمڻ چيو تہ سندن ڪوشش آهي تہ رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ ٺٽي جي عوام کي بچت بازار ذريعي فائدو پهچايو وڃي هن وڌيڪ چيو تہ انهي سلسلي ۾ سندن هڪ ٽيم جنهن ۾ اسسٽنٽ مختيارڪار عزيز ميمڻ پڻ شامل آهي سميت سندس ٽيم سخت محنت ڪري رهي آهي، اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو شفيق احمد آريسر ٺٽي شهر مان گذرندڙ قومي شاهراه تي لڳل فروٽ وڪرو ڪندڙن جي مختلف اسٽالن جو دورو ڪري دڪانن تي موجود فروٽ وڪندڙن شهرين جون شڪايتون ٻڌيون ۽ فروٽ وڪرو ڪندڙن کي سخت هدايت ڪندي چيو تہ هو سرڪاري ريٽ لسٽ مطابق فروٽ وڪر ڪن ٻي صورت ۾ انهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو چيو تہ رمضان جي پلاري مهيني ۾ روزانو ٺٽي تعلقي جي مختلف شهرن ۾ منافع خورن خلاف چاپا هنيا ويندا تہ جيئن ٺٽي جي غريب عوام کي رليف ڏياري سگهجي.

بقايا | سنڌيار | 05

ڪارو بار لڳائي نوجوانن جي زندگي تباهہ ڪري رهيو آهي. جنهن کي منع ڪرڻ تان چاقو جا وار ڪري منهنجي ڀاءُ وقار احمد کهڙائي کي زخمي ڪري ڇڏيو جنهن کي زخمي حالت ۾ سجاول ٿاڻي تي آندو پوليس ميڊيڪل ليٽر ڏئي سول اسپتال سجاول روانو ڪري ڇڏيو جتي ڀاءُ جي نازڪ حالت هجڻ ڊاڪٽر مڪلي اسپتال جو ليٽر ڏئي روانو ڪري ڇڏيو جنهن کان پوءِ ڀاءُ کي ٺٽي مڪلي اسپتال پهتا سين تہ مڪلي جا ڊاڪٽر بہ ڀاءُ جو علاج ڪرڻ لاءِ تيار ناهن ڊاڪٽر چون ٿا تہ توهان جي ليٽر ۾ تہ ڊاڪٽر جو نالو لکل آهي نہ ئي اسپتال جو ليٽر لڳل اٿس. هن چيو تہ جهيڙي کي ٽي ڪلاڪ گذري ويا آهن پر سجاول پوليس اڃا تائين جوابدار کي گرفتار ڪري نہ سگهي آهي. هن ايس پي سجاول کي اپيل ڪئي آهي تہ جوابدار شبيراحمد کهڙائي کي گرفتار ڪيو وڃي

بقايا | سنڌيار | 06

مسئلا حل ڪرائڻ جي گهر، تفصيل موجب سجاول ضلعي جو انتهائي پٺتي پيل ۽ سنڌو درياهہ جي ڪنڌي تي آباد ٿيل تاريخي شهر ٻنون حڪمرانن جي عدم توجهي ۽ بي حسي سبب هن جديد دور زماني ۾ بجلي واٽر سپلائي، ڊرينيج، سئي گيس سميت ٻين سمورين سهولتن کان محروم آهي، حيسڪو طرفان گذريل ڏهن سالن کان وٺي ٻنون ۽ آسپاس جي سوين ڳوٺن جي بجلي ڪاٽي وئي آهي، جنهن سبب ٻنون جا شهري متبادل طور سولر سسٽم ذريعي بجلي استعمال ڪري رهيا آهن، جڏهن تہ سال 1984 ع ۾ مرحوم محمد خان جوڻيجو دور ۾ واٽر سپلائي اسڪيم منظور ٿي هئي، جيڪا اڄ تائين رولڙي جو شڪار آهي، شهري 20 کان 30 روپين ۾ پاڻي جو في دٻو خريد ڪري ٿو، شهر ۾ ڊرينيج جو ڪوبہ نظام ناهي، تازو پبلڪ هيلٿ کاتي طرفان گهٽين جو اڌ ڪم ڪرائي فرار ٿي ويا آهن، ٻنون جي شهرين ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن عبدالڪريم پليجو، غلام عباس پليجو، پرڪاش حُسيني، عبدالرحيم قاضي، عبدالرزاق سومرو، سرفراز سومرو، ذين العابدين سومرو، شاهنواز پليجو عطا حيدري، سرفراز پليجو، چيتن ڪولهي، محمد علي سومرو ۽ ٻين شهر جي بجلي 10 سالن کان بند هئڻ سميت ٻيا ترقياتي ڪم نہ ٿيڻ خلاف سخت احتجاج ڪندي چيو تہ ٻنون جي عوام کي هر دور ۾ نظرانداز ڪيو ويو آهي، هتان جو عوام اڄ بہ سؤ سال اڳ واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي، هنن مطالبو ڪيو تہ ٻنون شهر جي بجلي کي بحال ڪرڻ سميت شهر جا سمورا بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 07

گهارو ڏابيجي پوليس پاران گهارو ۽ ڏابيجي وچ ۾ ٽن ڌوهارين جي هڪ گينگ کي بست ڪيو ويو هو انهن ٽن جوابدارن جي نشاندهي تي ايس ايڇ او ڏابيجي مومن شيخ وڌيڪ ٻن بدنام ڌوهارين کي گرفتار ڪري وڌيڪ بہ جانور ۽ هڪ سوزوڪي پڪ اپ هٿ ڪري ورتي، گرفتار جوابدارن ۾ رمضان رند عرف لڪ بليدي ۽ شاهنواز مستوئي شامل آهن، جيڪي نالبوارا ڌوهاري آهن، جن کان جانورن سميت هڪ سوزوڪي پڪ اپ ۽ وڏي انگ ۾ سامان هٿ ڪيو آهي جنهن جي وڌي وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا | سنڌيار | 08

علي گلزار سوهو، حاجي خدابخش سوهو وارن تي ميينہ الزام هڻندي چيو تہ منهنجي 24 ايڪڙ ذاتي زرعي زمين زرعي ترقياتي بئنڪ مان گروي رکي لون ڪنيو آهي ۽ ديوان مل يوبي ايل بئنڪ مان ٽريڪٽر بہ منهنجي نالي تي ڪيرائي مونسا وڏو فراڊ ڪيو آهي، منهنجو 18 لک روپين جو نقصان ٿيو آهي حق گهرڻ تان مونکي ۽ منهنجي گهرواري کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، هن چيو تہ اهڙي ڌاڻهن چگن ملن کي بہ ڏني آهي پرانهن کي بہ مڃڻ لاءِ تيار ناهن، هن ايس پي سجاول ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي آهي تہ انهن جي مٿان قانوني ڪاروائي ڪري مونکي منهنجو حق واپس ڏياريو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 09

سنڌي قومپرست عوامي اتحاد جي اڳواڻن محمد حسين سومرو صوفي حامد هاشم چوهاڻ سول سوسائيٽي جي مشڪور قلڪارو جسقم تحريڪ اڳواڻ خالق خاصخيلي ۽ ٻين چيو تہ زاهد جسڪاڻي جاويد هاليپوٽو ۽ دودو هاليپوٽو جي خلاف من گهڙت ۽ ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪرائي وئي آهي هي تازو ئي قومپرستن تي جيڪي من گهڙت ۽ ڪوڙي ايف آئي آر داخل ٿيڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا هنن قومپرستن برسات متاثرين سنڌي ماروئڙن جي مدد ڪئي هئي هي اهي ئي قومپرست آهن جن برسات متاثرين جا آيندڙ تنبو قانوني طرح سان جج صاحبن جي مدد سان هڪ بي بي عهديدار جي جاءِ تان پڪڙيا ويا ان کان علاوه برسات متاثرين جو هزارين راشن بيگ پرائيوٽ دڪانن تي وڪرو ٿي رهيا هئا ان کي بہ جج صاحبن جي مدد سان چاپو هڻائي ضبط ڪيو ويو گورنمنٽ گرلز هاءِ اسڪول ۾ مرد استادن جي ٽريننگ سمجھ کان ٻاهر آهي مرد

بقايا | سنڌيار | 10

شامل هو ان موقعي تي سماجي اڳواڻ غلام رسول ڪوڙ چيو تہ هن مستحق ماڻهن جي ڀرپور مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪا مستقبل ۾ بہ جاري رهندي، خدا جن کي نوازيو آهي، تن کي بہ اڳتي اچي مستحق ماڻهن جي مدد ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ڪو مسڪين بکئي ننڊ نہ سمهي

بقايا | سنڌيار | 11

۾ پوليس مغوي نياڻي کي بازياب ڪرائڻ کان لنوائي پئي هن لاڳاپيل اختيارن کي اغوا واقعي جو نوٽيس وٺي نياڻي کي بازياب ڪرائڻ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا | سنڌيار | 12

ريل گاڏين بحال ڪرائڻ لاءِ سيتا سرجٽهار فورم پاران مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ احتجاج جاري رکيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ مشهور ميمڻ، محمد شريف جانوري، شهزاد ميمڻ، فدا حسين ملڪ، غلام مرتضي سومرو، رضا محمد ملاح ، امجد علي ڪوسو سميت ٻين شهرين شرڪت ڪئي، سيتا سرجٽهار فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ٻوڏ ۽ برسات کي 8 مهينا گذري چڪا آهن پر ريلويز اختيارين پاران ٽرانسپورٽ مافيا جي گٺ جوڙ ڪري عوام کي مسافر ريل گاڏين جي سستي ۽ محفوظ سفر کان محروم رکيو ويو آهي.

بقايا | سنڌيار | 13

نازيا خاتون سميت ٻہ ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا آهن فائرنگ سبب علائقي ۾ ڌهڪاءُ پکڙجي ويو ٻنهي ڌرين جي هٿيار بندن مورچا سنڀالي ورتا آهن ٻنهي ڌرين ۾ هن وقت بہ فائرنگ جي ڏي وٺ هلندڙ آهي جڏهن تہ اطلاع ملڻ باوجود بہ هن وقت تائين حد جي پوليس ناهي پهچي سگهي جنهن سبب وڌيڪ رتوڇاڻ جو پڻ خدشو آهي واضح رهي تہ جيئند جاگيراڻي ۽ محمد بخش مهر وارين ڌرين ۾ پراڻو خوني تڪرار هلندڙ هيو جيڪو اڄ ڀيهر ڀڙڪي اٿيو

بقايا | سنڌيار | 14

۾ ونجي ويا، ان سلسلي ۾ انان جي ڳوٺاڻن مجيب ساهڙ، مجميد سومرو ۽ ٻين ٻڌايو تہ گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان موتيسرو ساهڙ ۽ آس پاس وارن ڳوٺن ۾ مور پراسرار بيماري ۾ ونجي ويا آهن، جڏهن تہ هڪ هفتي اندر 15 کان وڌيڪ مور مري ويا آهن ڪيترا بيماري ۾ ميتلا آهن، هنن چيو تہ مورن جون اکيون سُجڻ ڪري اهي ڦٿڪي ڦٿڪي دم ڏين ٿا، جڏهن تہ مورن کي بچائڻ وارو ڪاتو ڪٿي سرگهر نظر نٿو اچي هنن چيو تہ جهنگلي جيوت کاتي ٿرپارڪر کي بار بار اطلاع ڏيڻ ڏنو آهي پر لاڳاپيل کاتي جو ڪوبہ عملدار بيمار مورن جي علاج لاءِ ڪابہ ٽيم اسانجي ڳوٺ ناهي موڪلي جنهن جي ڪري مورن جو علاج ٿي سگهي ۽ ٿر جي فطري سونهن بچي سگهي هنن چيو تہ اگر مورن جو وقت تي علاج نہ ٿيو تہ مورن جو نسل خطري ۾ پئجي ويندو ڪيترائي مور پراسرار بيماري سبب مري ويندا، هنن جو چوڻ آهي تہ ٿر جي ڳوٺ ۾ ڪيتري وقت کان مور مرندا رهن ٿا پر لاڳاپيل کاتو انهن جي موت جو ڪارڻ معلوم ناهي ڪري سگهيو تہ ئي مورن کي بچائڻ لاءِ ڪو تحرڪ ورتو آهي، اهو کاتو صرف فوٽو سيشن تائين محدود رهيو آهن، هنن چتاءُ ڏنو آهي تہ مورن جو علاج نہ ڪيو ويو تہ احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 15

ڏيڻ بجاءِ رمضان جي پلاري مهيني ۾ اسان کي ٽينٽ سٽي خالي ڪرڻ لاءِ دٻاءُ ۽ تمام سهولتون واپس وٺڻ سان گڏ حراسان ڪري رهي آهي، متاثرين ڊي سي ملير فلاحي ۽ اين جي او تنظيمن کي کاڌ خوراڪ نہ ڏيڻ جون هدايتون ڏنيون آهن رمضان جي پلاري مهيني ۾ اسان جا معصوم ٻچا بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن، عورتون، نوجوان، بزرگ سنڌ حڪومت سميت ضلعي ملير انتظاميا سار نہ لڌي آهي، اسين ڪيترن مينهن کان ميڊيڪل بجلي پاڻي کان محروم آهن ملير خود اسان کي هتي رهڻ لاءِ چيو پر اسان کان ٽينٽ خالي ڪرائڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهي آهي ۽ حراسان ڪري رات جو ڪئمپ ٻاهريان فائرنگ ڪرائي ٿي خوف ڪري سڄي رات چوڪيدار وانگر پهرو ڏيڻو پوي ٿو اسين بلاول ڀٽو زرداري کي اپيل ڪيو ٿا تہ ڊي سي ملير کي هٽايو وڃي ۽ اسان کي سهولتيون واپس ڏنيون وڃن جيڪو توهان ٻوڏ متاثرين سان وعدو ڪيو هيو

بقايا | سنڌيار | 16

هٿي منهنجي نوجوان پٽ عظيم سهتو کي گهر جي در تان ڪنيي ڪئي وڃي سخت تشدد جو نشانو بڻايو ويو اهڙو فيصلو اسان جو استاد رضا سهتو ڪيو فيصلي ۾ غفار ۽ نذير بوهيو ڏوهي ثابت ٿيڻ تي ڪين مٿان ويهہ هزار روپيا ڏنڊ وڌو ويو هن وڌيڪ ٻڌايو تہ نذير ۽ غفار ان فيصلي تان ڦري ويا هن الٽو خانواهڻ پوليس کي رشوت ڏئي مونکي هروپرو گرفتار ڪرائي مونسان ظلم ڪيو ويو مان ڏوهي بہ ڪون هيس پوءِ بہ ڏاڍ ۽ ڏاداگيري ڪري مون کي ويهہ ڪلاڪ ٿاڻي ۾ قيد ڪرايو ويو، هن آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز کي اپيل ڪئي تہ نذير ۽ غفار بوهيو کي گرفتار ڪري مونکي انصاف ڏياريو وڃي

بقايا | سنڌيار | 17

شهرين سماجي ڪارڪنن ، صحافين ۽ پوليس جي آفيسرن شرڪت ڪئي ڊي ايس پي سٽي عبدالخالق وگهڻ ڪلي ڪچهري ۾ اسٽيج جي ڪاروائي هلائي ان موقعي تي ماڻهن پاران ڏنل درخواستن کي ايس ايس پي پاران سڏي ريٽ پڌو ويو ضلعي جي ڪيترن ئي ماڻهن پنهنجا پنهنجا مسئلا پيش ڪيا بروقت ايس ايس پي موقعي تي انهن جي شڪايتن جي ازالي لاءِ هدايتون جاري ڪيون ، کلي ڪچهري ۾ دادو جي صحافي سنڌ جرنلسٽ ڪائونسل تعلقي دادو جي صدر ڪامران ڪورائي پاران دادو جي نوجوان شهري دانش جمالي جي قتل واقعي سميت صحافين جي چورين بابت ايس ايس پي کي شڪايتون ڪيون ڪيترن ئي شهرين امن وامان جي صورتحال تي پڻ ڳڻتي جو اظهار ڪيو جنهن تي ايس ايس پي دادو عوام سان مخاطب ٿيندي چيو تہ شهيد دانش جمالي جا قاتل گرفتار ڪيا ويا آهن قانون مطابق ان قتل ڪيس جي پوليس پوئواري ڪري رهي آهي باقي امن امان جي صورتحال بهتر آهي دادو پوليس امن امان کي بحال رکڻ لاءِ بهادري سان ڌوهارين خلاف ڪاروايون ڪري رهي آهي اسان منشيات فروشن خلاف سڄي ضلعي ۾ آپريشن شروع ڪيو آهي جنهن ڪري هر شهر ۾ منشيات فروشن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن هن چيو تہ دادو ضلعي جي 4 تعلقن ۾ پوليس پاران کلي ڪچهرين جو انعقاد ڪيو ويندو اڄ تعلقي دادو ۾ کلي ڪچهري ذريعي گهڻيون عوامي شڪايتون ۽ ماڻهن جي تڪليفن جو ازالو ڪيو آهي مان شريڪ ٿيندڙ پوليس آفيسرن ، واپارين ، شهرين ، ڳوٺاڻن ، صحافين جو مشڪور آهيان جن دادو پوليس جي هن عوام دوست عمل کي بهتر سمجهندي ڀرپور شرڪت ڪئي آهي هن چيو تہ ايس ايس پي آفيس ۾ بہ منهنجا عوام لاءِ دروازا کليل آهن ۽ مان پاڻ عوام وٽ وڃي سندن شڪايتن جو ازالو چاهيان ٿو ان موقعي تي ڊي ايس پي سٽي عبدالخالق وگهڻ ،ڊي ايس پي جوهي بشير احمد ڪونهارو ڊي ايس پي پوليس هيڊڪوارٽر بشير سومرو سميت وومين پوليس جي انچارج انسپيڪٽر بينظير جمالي جي ايس ايڇ او آءِ سيڪشن دادو ايس ايڇ او بي سيڪشن دادو سميت ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز شرڪت ڪئي ڊي ايس پي سٽي دادو عبدالخالق وگهڻ پاران ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ ۽ ٽوپي پارائي وئي کلي ڪچهري سبب سڪيورٽي جو انتظام سخت ڪيو ويو هيو دادو ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز پاران ڌوهارين جي ڪاروين ۾ ڦرڪيل موٽرسائيڪلون ۽ موبائيل فونز پڻ هٿ ڪرڻ بعد اهو سامان کلي ڪچهري ۾ رکيو ويو ۽ ماڻهن کي چيو ويو تہ پوليس پاران هٿ ڪيل سامان پنهنجي سڃاڻپ سان متاثرين جي حوالي ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 18

تعلقي دادو جي صدر عبدالوحيد پنهور امان الله هنگورو لياقت علي پتي الهجڻايو ميمڻ جهندو خان پهر محمد وسيم ڪوڪر صابر حسين ڏاوچ اياز علي ٿيبو ۽ ٻين استاد اڳواڻن چيو تہ اسان ڪيترن ئي ڏينهن کان احتجاج ڪري رهيا آهيون پر ڪو بہ تدارڪ نہ ٿو ٿئي نوان استاد اڃان تائين پگهارن کان محروم آهن اپگريڊيشن ۽ ٻيا استادن جا مطالبا مڃيا وڃن اسان (اڄ) دادو ۾ تدريسي عمل جو بائيڪاٽ ڪيو تا جڏهن تہ پ ٽ الف ضلعي دادو جي صدر امتياز علي لُنڊ پڻ اچوڪي استادن جي احتجاج جي حمايت ڪندي چيو تہ استادن جا مطالبا جائز آهن ان ڪري استادن جي تحريڪ جو حصو بڻجنداسين

بقايا | سنڌيار | 19

جڏيا جڏهن سرڪاري ريٽ لسٽن واري اڳهن تي ڪو بہ عمل نہ ٿي سگهيو آهي منافعي خور واپاري عام واهپي جون شيون پيٽي اڳهن تي وڪرو ڪري رهيا آهن جڏهن تہ رمضان رليف پئڪيج تحت خانپورمهر ۾ انتظاميہ بچت بازار پڻ قائم نہ ڪري سگهي آهي ان کان علاوه خانپورمهر جي يوٽيلٽي اسٽور تي وري سستي اٽي جي سپلاءِ هڪ مهيني کان بند ڪئي وئي رمضان پئڪيج تحت پڻ خانپورمهر جي يوٽيلٽي اسٽور تي سستو اٽو فراهم نہ ڪيو ويو سهي ذريعن موجب گهوٽڪي ۽ سکرويئر هائوس تان ضلعي جي سمورن يوٽيلٽي اسٽورن تي سستو اٽو پهچايو پيو وڃي پر گذريل هڪ مهيني کان خانپورمهر يوٽيلٽي اسٽور تي اٽي سپلاءِ بند آهي جنهن سبب غريب طبقي جا ماڻهو روزانو سستو اٽو وٺڻ بدران يوٽيلٽي اسٽور تان خالي واپس وڃن ٿا انتظاميہ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪي بہ قدم نہ کنيا آهن شهرين مطالبو ڪيو تہ فوري طور رمضان شريف جي پلاري مهيني ۾ خانپورمهر ۾ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن ۽ بچت بازار قائم ڪري شهرين کي عام واهپي جون شيون سستي اگهہ تي فراهم ڪيون وڃن

بقايا | سنڌيار | 20

عملدارن ۽ انتظاميا جي ملي ڀڳت سان گهوٽڪي منتقل ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب ڊي ايف سي گهوٽڪي عرفان علي جوکيو فوڊ انسپيڪٽر مجتبيٰ مگسي ۽ ٻين عملدارن جي ملي ڀڳت سان سرحد جو ڪڻڪ خريداري سينٽر گهوٽڪي منتقل ڪيو ويو آهي جنهن سبب سرحد توڙي ڀرپاسي جي آبادگارن کي ڪڻڪ سرڪاري گودام تي وڪرو ڪرڻ توڙي باردانڻ جي حاصلات ۾ ڏکيايون پيش اينديون ان سلسلي ۾ سرحد جي آبادگارن اعليٰ اختيارين توڙي وس وارن کان معاملي جو نوٽيس وٺي سرحد جو ڪڻڪ خريداري سينٽر سرحد ۾ ئي قائم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا | سنڌيار | 21

جرڳو ڪندڙ وڏيرن جي گرفتاري لاءِ سوشل ورڪر رياض ڪلهوڙو طرفان تعلقہ پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاج سوشل ورڪر رياض ڪلهوڙو طرفان احتجاجي بئنر کڻي تعلقہ پريس ڪلب وارهه پهچي احتجاج ڪندي چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ سنڌ کان نوٽيس ۽ انصاف جي گهر ڪئي , اغوا ۽ قتل ۾ ملوث قاتل وڏيري ۽ جرڳو ڪندڙ تمام وڏيرن کي گرفتار ڪري عبرت ناڪ سزائون ڏئي عدالتي انصاف جو مورال بلند ۽ بحال ڪيو وڃي , مطالبو خبر موجب : وارهه لڳ ڳوٺ خان محمد بروهي جي رهواسڻ بد نصيب امڙ مسمات حوران خاتون بروهي جيڪا گذريل ڪيترن ئي ڏهاڙن کان وارهه ۾ پاڪ ڪتاب کڻي مغوي پٽ جي بازيابي لاءِ مختلف پريس ڪلبن اڳيان احتجاج ڪري پٽ جي بازيابي لاءِ دانهون ڪندي رهي پر افسوس تہ اهڙي درد ڀري دانهن ۽ قرآن مجيد جا واسطا ڪنهن بہ لاڳاپيل وس وارن ادارن ۽ اعلي عدالتن جو ڌيان ڇڪائي نہ سگهيا , جنهن جي نتيجي ۾ ڪالهہ مقامي وڏيرن پاران معاملي کي ختم ڪرائڻ لاءِ جرڳو ڪرايو ويو ۽ ان جرڳي ۾ الزام هيٺ آيل وڏيري خان محمد بروهي جيڪو مغوي نوجوان علي احمد بروهي جو چاچو هيو ان پنهنجي ڀائٽي جي قتل جو اعتراف ديده دليري سان چيو تہ مون علي احمد کي اغوا ڪرائي ڪيس گوليون هڻي قتل ڪري لاش بوري ۾ بند ڪري واهه ۾ اڇلايو آهي, اهڙي ظلم جو جرڳو ڪندڙ وڏيري امين بروهي پاران قاتل ڌر مٿان پنجاهہ لک روپيہ چٽي خون جي بها مقرر ڪئي وئي, اهڙي ظلم ناانصافي ۽ لاقانونيت خلاف سوشل ورڪر رياض ڪلهوڙو پاران احتجاجي بئنر کڻي وارهه شهر جي مختلف بازارون جو گشت ڪرڻ کان پوءِ تعلقہ پريس ڪلب وارهه پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو, ان موقعي تي مظاهرين سوشل ورڪر صحافين اڳيان دانهيندي چيو تہ هڪ امڙ پنهنجي پٽ جي بازيابي لاءِ مسلسل دانهون ڪيون جنهن جو ڪنهن بہ پوليس عملدار نوٽيس نہ ورتو نيٺ هن جي پٽ کي وڏيرن ماري لاش بہ گم ڪري ڇڏيو آهي, جيڪو عمل قابل مذمت آهي, هن چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ سنڌ کان نوٽيس وٺڻ جي گهر ڪندي چيو تہ معاملي جو نوٽيس وٺي اغوا ۽ قتل ۾ ملوث تمام قاتلن کي ڦاهي ڏني وڃي ۽ اهڙي خون ناحق جو جرڳو ڪندڙ تمام وڏيرن کي بہ پڻ قتل جي مقدمي ۾ شامل ڪري عدالتي انصاف جو مورال بحال ڪيو وڃي ۽ مقتول نوجوان جي لاش جي ڳولها ڪرائي وارثن کي لاش ڏنو وڃي , ٻي طرف شهر اندر افواهون گردش ڪري رهيون آهن تہ ڊي ايس پي وارهه پوليس پاران قاتل وڏيري کان ٽيهہ لک روپيہ گرفتاري نہ ڪرڻ جا رشوت ورتي وئي هئي, جڏهن تہ اغوا ۽ قتل جو سبب مقتول نوجوان پاران پنهنجي سوٽ کي پسند ڪرڻ جو ميسيج ڪرڻ تان سندس چاچي پاران ڀائٽي کي اغوا ڪرائي قتل ڪيو ويو آهي جا چئول بول ميڊيائي ۽ عوامي حلقن ۾ گردش گفتگو آهن,

بقايا | سنڌيار | 22

ٻڏجي وڃن ٿيون. پاڻ کي باهہ ڏئي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي يا جن کي ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي پران جي قيام کان وٺي اڄ تائين هن اسپتال ۾ اهڙو ڪوبہ ڪيس سامهون نہ آيو آهي جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ هي عمارت مالي ڪرپشن ڪانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي، جنهن جي حالت خراب آهي. هيءَ عمارت زبون ٿي وئي آهي، ڇت ڪري وئي آهي ۽ ڀتين ۾ درگاهون اچي ويون آهن، عمارت ۾ هن وقت بہ ادارا قائم آهن. هڪ ڳوٺائي صحت مرڪز ۽ ٻيو زچگي ۽ ٻارن جي سار سنڀال جو ڪم ڪري رهيا آهن. جن ۾ ڪل ٻارهن ڊاڪٽر ڪم ڪري رهيا آهن. سينٽر ۾ فرائض رورل هيلٿ سينٽر جي ايم ايس ڊاڪٽر عبدالصمد بروهي، ڊي وائيس آف ملير جي چيئرمين قاضي لطيف، ابراهيم بلوچ، شفيع محمد بلوچ، نذير احمد سنڌيلو ۽ ميڊيا پرسن منظور سولنگي، عبداللطيف، فيصل حيدر، جڏهن تہ مڪمل طور تي. ٻين سان تعاون ڪندي اسپتال جي ڪارڪردگي ۽ ٻين تفصيلن کان آگاهہ ڪيو. هن چيو تہ هي عمارت ملير جي وائيس چيئرمين ۽ ميڊيا ڪوآرڊينيٽر وائيس آف ملير جو جڏهن ان سلسلي ۾ ايم ايس شاهده سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ ان حوالي سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ ڪين آفيسر نہ مليا آهن. هو پنهنجي اعليٰ عملدارن جي حڪم تي هتي پنهنجا فرض سرانجام ڏئي رهيا آهن. انهي بيلو ۽ ڌمڪيون ڏنيون تہ مون کي پرواهہ ناهي تہ تون جا ڪنديس. ڊاڪٽر شاهده پاران انڪشاف ڪيو ويو تہ هوءَ نہ رڳو اسپتال ۾ مالي بي ضابطگين ۾ ملوث آهي پر الطبري اسپتال ۾ بہ ڊيوٽي تي آهي، ميٽرنٽي هوم بہ ناهي. شام ۽ رات جي وقت هڪ ليڊي ڊاڪٽر جنهن کان هوءَ فيس وصول ڪندي آهي. اهو بہ انڪشاف ٿيو آهي تہ هن کي ملير ۾ هڪ پاڪ ذات جو عشرت آهي. جيڪڏهن اعليٰ اختيارين اجازت ڏئي تہ ان تي ڌيان نہ ڏنو ويو تہ اهي ادارا قائم ڪيا ويا. عمارت ڍهي پٽ ٿيڻ سان نہ رڳو ملير جا ماڻهو تباهہ ٿي ويندا پر ڪنهن بہ وقت وڏو حادثو پيش اچي سگهي ٿو. هنن ادارن کي اپيل ڪئي آهي تہ ڪرپشن ۾ ملوث ماڻهن جي جاچ ڪرائي ذميوارن کي سزا ڏني وڃي تہ جيئن ڪين عبرتناڪ سزا ڏني وڃي. توهان جو مستقبل محفوظ ٿي سگهي ٿو

بقايا | سنڌيار | 23

جي پنجين برانچ جو افتتاح ڪيو ويو . ان موقعي تي ايريا مينيجر يوٽلٽي اسٽور، ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو تہ مارڪيٽ ۾ ڏهہ ڪلو اٽو ٻارنهن سؤ تائين فروخت ٿي رهيو آهي جڏهن تہ يوٽلٽي اسٽور تي ڇهہ سؤ کان ست سؤ وچ ۾ ملي رهيو آهي. هن ٻڌايو تہ کنڊ . جانور، مصالحاجات . تيل ۽ ٻيون شيون بازار کان ڪافي سستيون آهن هن چيو تہ بينظير انڪم سپورٽ ڪارڊ هولڊر لاءِ وڌيڪ سستائي پيڪيج آهي. افتتاح بعد ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور ابرار جعفر ڳالهائيندي چيو تہ مهانگائي وڌڻ سبب عوام يوٽلٽي اسٽورن جو رخ ڪيو آهي ۽ رش وڌي ويئي آهي . ان ڳالهہ کي مدنظر رکندي شڪارپور پلازه سينيما تي يوٽلٽي اسٽور جي هڪ وڌيڪ برانچ کولي آهي. هن چيو تہ بچت بازار ۾ اٽي جا وڌيڪ اسٽال قائم ڪيا آهن . ۽ ٻين شين جي اسٽالن ۾ پڻ اضافو ڪيو آهي.

بقايا | سنڌيار | 24

ڀهريون ڀيرو ڪميونٽي پوليسنگ تحت چيمبر آف ڪامرس اينڊ سمال ٽريڊرز اينڊ ڪاريٽيج انڊسٽريءَ جي سهڪار سان مارڪيٽن جي داخلي ۽ خارجي رستن تي 100 اضافي گارڊ ۽ پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. امن امان ۽ ٽريفڪ جي رواني کي برقرار رکڻ لاءِ ڪمرشل سينٽرز ۽ پوليس اهلڪارن کي مقرر ڪيو ويو آهي، سکر پوليس مردم شماري جي اهم مورچن تي پنهنجا فرض بهتر نموني سرانجام ڏئي رهي آهي ۽ ڪچي ۾ ڌاڙيلن خلاف ڪارروائي ڪري رهي آهي، ٻئي طرف قانون ۽ امن امان جو ماحول مستحڪم آهي ۽ ٽريفڪ جي رواني کي برقرار رکيو ويو آهي. ڪميونٽي بيسڊ پوليسنگ لاءِ 100 تربيت يافتہ نوجوانن تي مشتمل هٿياربند سيڪيورٽي گارڊز ۽ PQR رضاڪار شهر جي مختلف داخلي ۽ خارجي رستن تي پوليس سان گڏ پنهنجا فرض سرانجام ڏيندا پوليس ترجمان موجب ڪراچي ڪانپوءِ سکر کي سنڌ جو ٻيو وڏو تجارتي مرڪز سمجهيو ويندو آهي، جتي بلوچستان سميت سنڌ جي مختلف ضلعن مان ماڻهو عيد جي خريداري ۽ ٻين ضرورتن لاءِ سکر شهر ڏانهن ويندا آهن. جنهن سان سکر جي سوڙهين گهٽين ۽ تجارتي مرڪزن تي رش هوندي آهي. جنهن سبب ٽريفڪ جام ٿي ويندي آهي. ٽريفڪ جام هجڻ ڪري شهرين کي پريشانين کي منهن ڏيڻو پيئي گذريل ڏينهن ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ واپاري برادري سان گڏجي انتظامن جو جائزو ورتو ۽ ڪميونٽي پوليسنگ تحت پوليس سان سهڪار ڪرڻ تي سموري واپاري برادري کي خراج تحسين پيش ڪندي اميد ظاهر ڪئي تہ مستقبل ۾ بہ پوليس سان ڀرپور سهڪار ڪندا. شهر جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ گڏيل ڪم ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 25

دورو اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ساڪرو ائٽ گهارو ۽ واپاري ايسوسيئيشن گهارو جي اڳواڻ پونداس ٽيڪيائي، عبدالحميد عمراڻي ۽ ٻين دورو ڪيو واپاري اڳواڻن جو چوڻ هو تہ اسان کي جمعي ۽ آچر تي سستي بچت بازار لڳائڻ لاءِ چيو ويو آهي انڪري هاڻي جمعي ڏينهن شهر وچ ۾ شاهنواز ڀٽو پارڪ پرسان عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ راشن سميت. پاڇين فروٽ، پاڇي. گوشت، مڇي وغيره جا اسٽال لڳايا ويندا جنهن سان غريب عوام کي رليف ملندو

بقايا | سنڌيار | 26

پٽ نور محمد چوهاڻ هلندڙ مهيني ۾ گهر ۾ داخل ٿي نياڻي جي شادي لاءِ رکيل سامان ۽ روڪ رقم مجموعي طور 10 روپيا ٽيندي چوري ڪئي آهي چور کي نئين پنڊ ٿاڻي جي پوليس هٿان گرفتار ڪرايو هو پر پوليس آڪڙا پرچي ليڊر دلدار چوهاڻ کان وڏي رشوت وٺي چور کي آزاد ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب نياڻي جي ڏاج واري رقم ۽ سامان کان محروم بڻجي ويا آهيون ايس ايس پي سکر کي 21 مارچ تي لکت ۾ درخواست ڏيڻ باوجود ڪوبہ ڪرتيل ناهي نڪتو ڪرائي دار چور رشيد چوهاڻ نياڻي کي اغوا ڪرائڻ سميت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون پيو ڏئي اکين جي نور کان محروم آهيان پاڙي وارن کان ماني ملندي آهي جنهن تي پيٽ گزران ڪندا آهيون غريب مسڪين آهيان نياڻي جي شادي لاءِ ڪيترن ئي سالن کان رپيو رپيو گڏ ڪري لکين رپيا گڏ ڪيا هئا پر اهي بہ چوري ٿي ويا آهن نئين پنڊ ٿاڻي جي پوليس بہ چور جي ساٿاري بڻيل آهي در در انصاف لاءِ رلندا پيا وتون پر هن وقت تائين ڪٿان بہ انصاف ناهي مليو هنن اعلي اختيارن کي اپيل ڪئي آهي تہ چوري ٿي ويل رقم ۽ سامان واپس ڏياري انصاف ۽ تحفظ ڏياريو وڃي

بقايا | سنڌيار | 27

پوليس واقعي جي اين سي داخل، ايس ايڇ او ولايت شاهہ فون ڪٽڻ جي بدران واٽس نمبر بہ بند ڪري ڇڏي، شڪايت ڪنهن کي ڏيون شهري سهراب ڳوٺ ٿاڻي جي حد ۾ بدامني، هڪ ئي ڏينهن ۾ ڪيترين وارداتون ٿيون آهن ڪو بہ شهري ڏينهن ڏٺي بہ محفوظ ناهي، خانگي ٽي وي چينل جي رپورٽر انور مگسي کان موبائل، 10 هزار روڪ، اصل سڃاڻپ ڪارڊ ۽ ٻيو سامان ڦورو ڦر ڪري ويا. صحافي انور مگسي ٻڌايو تہ لاسي ڳوٺ بسم الله چوڪ وٽ ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار ڦورو مون کان موبائل فون، روڪ رقم ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري ويا، اطلاع ڏيڻ جي باوجود پوليس دير سان پهتي، ايس ايڇ او ولايت شاهہ کي شڪايت ڪئي تہ ڪافي دير بعد هڪ پوليس اهلڪار پهتو جنهن ٻڌايو تہ آدمشماري جي ڊيوٽي سان آهيون. نفري گهٽ آهي ان جي ڪري دير ٿي آهي. واقعي جي اين سي حد جي ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي آهي. شهرين شڪايت ڪندي چيو تہ ايس ايڇ او ولايت شاهہ فون ڪٽڻ جي بدران واٽس نمبر بہ بند ڪري ڇڏي، عوام جي شڪايت ڪٿي ٻڌندو ٻئي طرف ڪراچي جي صحافين عمران ميزان، بلاچ شاهاڻي، شفقت نوناري، نذير راڄپر، ممتاز شيخ ، آصف علي شاهاڻي، علي محمد پٿو دلدار سيلرو، غوث بگهيو ۽ ٻين مطالبو ڪيو تہ صحافي انور مگسي کان ڦريل رقم فوري واپس ڪري قلم ڌڻين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سهراب ڳوٺ ٿاڻي آڏو احتجاج ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 28

صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ سماجي تنظيمن طرفان مظاهرا ڪيا ويندا. سگا شاخ پاٽ شريف جي صدر گلزار ڪلهوڙو جي صدارت ۾ ٿي ٿيل گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪندڙ سماجي ڪارڪنن چيو تہ اسسٽنٽ ڪمشنر دادو جي حڪم تي سگا پاٽ شريف جي باني ۽ سماج سڌارڪ محمد اعظم ميمڻ جي بلاجواز گرفتاري ڪرائي وئي آهي اسان اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيون ٿا تہ ايماندار ۽ فرض شناس آفيسر سان ناروا سلوڪ ڪيو ويو لاءِ جلد کان جلد انڪوائري ڪرائي وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ سماجي تنظيمن طرفان احتجاج ڪيو ويندو هن گڏجاڻي ۾ سگا پاٽ شريف جي نائب صدر حاڪم علي بلڙ جنرل سيڪريٽري محمد زمان سومرو خزانچي خادم حسين چنا جوائنٽ سيڪريٽري شهاب الدين لانگاهہ شاهد حسين ميمڻ اظهار علي ڪلهوڙو فياض ملاح جنسار علي ڪلهوڙو اسد علي بلڙ ۽ ٻين شرڪت ڪئي هوڏانهن سموري سنڌ جي سماج سڌارڪ اڳواڻن هن واقعي جي مذمت ڪئي آهي

بقايا | سنڌيار | 29

جرڳو ڪندڙ وڏيرن جي گرفتاري لاءِ سوشل ورڪر رياض ڪلهوڙو طرفان تعلقہ پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاج سوشل ورڪر رياض ڪلهوڙو طرفان احتجاجي بئنر کڻي تعلقہ پريس ڪلب وارهه پهچي احتجاج ڪندي چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ سنڌ کان نوٽيس ۽ انصاف جي گهر ڪئي , اغوا ۽ قتل ۾ ملوث قاتل وڏيري ۽ جرڳو ڪندڙ تمام وڏيرن کي گرفتار ڪري عبرت ناڪ سزائون ڏئي عدالتي انصاف جو مورال بلند ۽ بحال ڪيو وڃي , مطالبو خبر موجب : وارهه لڳ ڳوٺ خان محمد بروهي جي رهواسڻ بد نصيب امڙ مسمات حوران خاتون بروهي جيڪا گذريل ڪيترن ئي ڏهاڙن کان وارهه ۾ پاڪ ڪتاب کڻي مغوي پٽ جي بازيابي لاءِ مختلف پريس ڪلبن اڳيان احتجاج ڪري پٽ جي بازيابي لاءِ دانهون ڪندي رهي پر افسوس تہ اهڙي درد ڀري دانهن ۽ قرآن مجيد جا واسطا ڪنهن بہ لاڳاپيل وس وارن ادارن ۽ اعلي عدالتن جو ڌيان ڇڪائي نہ سگهيا , جنهن جي نتيجي ۾ ڪالهہ مقامي وڏيرن پاران معاملي کي ختم ڪرائڻ لاءِ جرڳو ڪرايو ويو ۽ ان جرڳي ۾ الزام هيٺ آيل وڏيري خان محمد بروهي جيڪو مغوي نوجوان علي احمد بروهي جو چاچو هيو ان پنهنجي ڀائٽي جي قتل جو اعتراف ديده دليري سان چيو تہ مون علي احمد کي اغوا ڪرائي ڪيس گوليون هڻي قتل ڪري لاش بوري ۾ بند ڪري واهه ۾ اڇلايو آهي, اهڙي ظلم جو جرڳو ڪندڙ وڏيري امين بروهي پاران قاتل ڌر مٿان پنجاهہ لک روپيہ چٽي خون جي بها مقرر ڪئي وئي, اهڙي ظلم ناانصافي ۽ لاقانونيت خلاف سوشل ورڪر رياض ڪلهوڙو پاران احتجاجي بئنر کڻي وارهه شهر جي مختلف بازارون جو گشت ڪرڻ کان پوءِ تعلقہ پريس ڪلب وارهه پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو, ان موقعي تي مظاهرين سوشل ورڪر صحافين اڳيان دانهيندي چيو تہ هڪ امڙ پنهنجي پٽ جي بازيابي لاءِ مسلسل دانهون ڪيون جنهن جو ڪنهن بہ پوليس عملدار نوٽيس نہ ورتو نيٺ هن جي پٽ کي وڏيرن ماري لاش بہ گم ڪري ڇڏيو آهي, جيڪو عمل قابل مذمت آهي, هن چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ سنڌ کان نوٽيس وٺڻ جي گهر ڪندي چيو تہ معاملي جو نوٽيس وٺي اغوا ۽ قتل ۾ ملوث تمام قاتلن کي ڦاهي ڏني وڃي ۽ اهڙي خون ناحق جو جرڳو ڪندڙ تمام وڏيرن کي بہ پڻ قتل جي مقدمي ۾ شامل ڪري عدالتي انصاف جو مورال بحال ڪيو وڃي ۽ مقتول نوجوان جي لاش جي ڳولها ڪرائي وارثن کي لاش ڏنو وڃي , ٻي طرف شهر اندر افواهون گردش ڪري رهيون آهن تہ ڊي ايس پي وارهه پوليس پاران قاتل وڏيري کان ٽيهہ لک روپيہ گرفتاري نہ ڪرڻ جا رشوت ورتي وئي هئي, جڏهن تہ اغوا ۽ قتل جو سبب مقتول نوجوان پاران پنهنجي سوٽ کي پسند ڪرڻ جو ميسيج ڪرڻ تان سندس چاچي پاران ڀائٽي کي اغوا ڪرائي قتل ڪيو ويو آهي جا چئول بول ميڊيائي ۽ عوامي حلقن ۾ گردش گفتگو آهن.

بقايا | سنڌيار | 30

ٽريفڪ چوڪي ٺٽو لڳ بچت بازار ۾ ڪاڏي پيتي جي شين سميت مختلف اسٽال لڳڻ شروع ٿي ويا. انهي موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو شفيق احمد آريسر ۽ اسسٽنٽ مختيار ڪار ٺٽو عزيز ميمڻ صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو فاروق احمد سومرو پاران ملندڙ هدايت ڪانپوءِ ٺٽي جي واپارين سان رابطو ڪري ضلعي انتظاميا پاران لڳندڙ بچت . بازار ۾ اٽي سميت ڪاڏي پيتي جو سامان جنهن ۾ اٽو کنڊ . تيل ـ پاچين ۽ مرغي سميت روز جي استعمال ۾ ايندڙ شين جا اسٽال لڳرايا پيا وڃن ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو شفيق احمد آريسر ۽ اسسٽنٽ مختيارڪار ٺٽو عزيز ميمڻ چيو تہ سندن ڪوشش آهي تہ رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ ٺٽي جي عوام کي بچت بازار ذريعي فائدو پهچايو وڃي هن وڌيڪ چيو تہ انهي سلسلي ۾ سندن هڪ ٽيم جنهن ۾ اسسٽنٽ مختيارڪار عزيز ميمڻ پڻ شامل آهي سميت سندس ٽيم سخت محنت ڪري رهي آهي، اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو شفيق احمد آريسر ٺٽي شهر مان گذرندڙ قومي شاهراه تي لڳل فروٽ وڪرو ڪندڙن جي مختلف اسٽالن جو دورو ڪري دڪانن تي موجود فروٽ وڪندڙن شهرين جون شڪايتون ٻڌيون ۽ فروٽ وڪرو ڪندڙن کي سخت هدايت ڪندي چيو تہ هو سرڪاري ريٽ لسٽ مطابق فروٽ وڪر ڪن ٻي صورت ۾ انهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو چيو تہ رمضان جي پلاري مهيني ۾ روزانو ٺٽي تعلقي جي مختلف شهرن ۾ منافع خورن خلاف چاپا هنيا ويندا تہ جيئن ٺٽي جي غريب عوام کي رليف ڏياري سگهجي.

بقايا | سنڌيار | 31

مسئلا حل ڪرائڻ جي گهر، تفصيل موجب سجاول ضلعي جو انتهائي پٺتي پيل ۽ سنڌو درياهہ جي ڪنڌي تي آباد ٿيل تاريخي شهر ٻنون حڪمرانن جي عدم توجهي ۽ بي حسي سبب هن جديد دور زماني ۾ بجلي واٽر سپلائي، ڊرينيج، سئي گيس سميت ٻين سمورين سهولتن کان محروم آهي، حيسڪو طرفان گذريل ڏهن سالن کان وٺي ٻنون ۽ آسپاس جي سوين ڳوٺن جي بجلي ڪاٽي وئي آهي، جنهن سبب ٻنون جا شهري متبادل طور سولر سسٽم ذريعي بجلي استعمال ڪري رهيا آهن، جڏهن تہ سال 1984 ع ۾ مرحوم محمد خان جوڻيجو دور ۾ واٽر سپلائي اسڪيم منظور ٿي هئي، جيڪا اڄ تائين رولڙي جو شڪار آهي، شهري 20 کان 30 روپين ۾ پاڻي جو في دٻو خريد ڪري ٿو، شهر ۾ ڊرينيج جو ڪوبہ نظام ناهي، تازو پبلڪ هيلٿ کاتي طرفان گهٽين جو اڌ ڪم ڪرائي فرار ٿي ويا آهن، ٻنون جي شهرين ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن عبدالڪريم پليجو، غلام عباس پليجو، پرڪاش حُسيني، عبدالرحيم قاضي، عبدالرزاق سومرو، سرفراز سومرو، ذين العابدين سومرو، شاهنواز پليجو عطا حيدري، سرفراز پليجو، چيتن ڪولهي، محمد علي سومرو ۽ ٻين شهر جي بجلي 10 سالن کان بند هئڻ سميت ٻيا ترقياتي ڪم نہ ٿيڻ خلاف سخت احتجاج ڪندي چيو تہ ٻنون جي عوام کي هر دور ۾ نظرانداز ڪيو ويو آهي، هتان جو عوام اڄ بہ سؤ سال اڳ واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي، هنن مطالبو ڪيو تہ ٻنون شهر جي بجلي کي بحال ڪرڻ سميت شهر جا سمورا بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 32

اڳواڻن ايڊووڪيٽ حنيف احمد نوناري، مير ذوالفقار علي نوناري، چام سجاد نوناري، محمد اسماعيل نوناري، ڊاڪٽر عرفان نوناري ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ڪنڌڪوٽ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ راڄ قائم ٿي ويو آهي اتان جو عوام غير محفوظ بڻيل آهن ڏاڙيل سرعام اغوا جون وارداتون ڪري لکين روپيا ڀنگ عيوض مغوين کي آزاد ڪن ٿا ڪنڌڪوٽ ڪشمور پوليس ڏاڙيل جي سهولت ڪار بڻيل آهي. هنن چيو تہ 7 ڏينهن اڳ هوٽل تان حسيب نوناري ۽ عبدالرؤف نوناري کي اغوا ڪيو ويو آهي جن جي بازيابي لاءِ پوليس هن وقت تائين ڪوبہ تحريڪ ناهي ورتو پوليس توڙي رياستي ادارا عوام کي تحفظ ڏيڻ ۾ ناڪام بڻجي چڪا آهن سنڌن چوڻ هو تہ اسين سرڪار کي ٽيڪس پنهنجي جان و مال جي تحفظ لاءِ ڏيون ٿا پر پوءِ بہ اسين غير محفوظ آهيون هنن آءِ جي سنڌ پوليس سميت ٻين اعلي ادارن کان گهر ڪئي آهي تہ حسيب نوناري ۽ عبدالرؤف نوناري سميت ڪنڌڪوٽ ڪشمور مان اغوا ٿيل سمورن ماڻهن کي آزاد ڪرائي ڏاڙيل راڄ کي ختم ڪري عوام کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا | سنڌيار | 33

جرڳو ڪندڙ وڏيرن جي گرفتاري لاءِ سوشل ورڪر رياض ڪلهوڙو طرفان تعلقہ پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاج سوشل ورڪر رياض ڪلهوڙو طرفان احتجاجي بئنر کڻي تعلقہ پريس ڪلب وارهه پهچي احتجاج ڪندي چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ سنڌ کان نوٽيس ۽ انصاف جي گهر ڪئي , اغوا ۽ قتل ۾ ملوث قاتل وڏيري ۽ جرڳو ڪندڙ تمام وڏيرن کي گرفتار ڪري عبرت ناڪ سزائون ڏئي عدالتي انصاف جو مورال بلند ۽ بحال ڪيو وڃي , مطالبو خبر موجب : وارهه لڳ ڳوٺ خان محمد بروهي جي رهواسڻ بد نصيب امڙ مسمات حوران خاتون بروهي جيڪا گذريل ڪيترن ئي ڏهاڙن کان وارهه ۾ پاڪ ڪتاب کڻي مغوي پٽ جي بازيابي لاءِ مختلف پريس ڪلبن اڳيان احتجاج ڪري پٽ جي بازيابي لاءِ دانهون ڪندي رهي پر افسوس تہ اهڙي درد ڀري دانهن ۽ قرآن مجيد جا واسطا ڪنهن بہ لاڳاپيل وس وارن ادارن ۽ اعلي عدالتن جو ڌيان ڇڪائي نہ سگهيا , جنهن جي نتيجي ۾ ڪالهہ مقامي وڏيرن پاران معاملي کي ختم ڪرائڻ لاءِ جرڳو ڪرايو ويو ۽ ان جرڳي ۾ الزام هيٺ آيل وڏيري خان محمد بروهي جيڪو مغوي نوجوان علي احمد بروهي جو چاچو هيو ان پنهنجي ڀائٽي جي قتل جو اعتراف ديده دليري سان چيو تہ مون علي احمد کي اغوا ڪرائي ڪيس گوليون هڻي قتل ڪري لاش بوري ۾ بند ڪري واهه ۾ اڇلايو آهي, اهڙي ظلم جو جرڳو ڪندڙ وڏيري امين بروهي پاران قاتل ڌر مٿان پنجاهہ لک روپيہ چٽي خون جي بها مقرر ڪئي وئي, اهڙي ظلم ناانصافي ۽ لاقانونيت خلاف سوشل ورڪر رياض ڪلهوڙو پاران احتجاجي بئنر کڻي وارهه شهر جي مختلف بازارون جو گشت ڪرڻ کان پوءِ تعلقہ پريس ڪلب وارهه پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو, ان موقعي تي مظاهرين سوشل ورڪر صحافين اڳيان دانهيندي چيو تہ هڪ امڙ پنهنجي پٽ جي بازيابي لاءِ مسلسل دانهون ڪيون جنهن جو ڪنهن بہ پوليس عملدار نوٽيس نہ ورتو نيٺ هن جي پٽ کي وڏيرن ماري لاش بہ گم ڪري ڇڏيو آهي, جيڪو عمل قابل مذمت آهي, هن چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ سنڌ کان نوٽيس وٺڻ جي گهر ڪندي چيو تہ معاملي جو نوٽيس وٺي اغوا ۽ قتل ۾ ملوث تمام قاتلن کي ڦاهي ڏني وڃي ۽ اهڙي خون ناحق جو جرڳو ڪندڙ تمام وڏيرن کي بہ پڻ قتل جي مقدمي ۾ شامل ڪري عدالتي انصاف جو مورال بحال ڪيو وڃي ۽ مقتول نوجوان جي لاش جي ڳولها ڪرائي وارثن کي لاش ڏنو وڃي , ٻي طرف شهر اندر افواهون گردش ڪري رهيون آهن تہ ڊي ايس پي وارهه پوليس پاران قاتل وڏيري کان ٽيهہ لک روپيہ گرفتاري نہ ڪرڻ جا رشوت ورتي وئي هئي, جڏهن تہ اغوا ۽ قتل جو سبب مقتول نوجوان پاران پنهنجي سوٽ کي پسند ڪرڻ جو ميسيج ڪرڻ تان سندس چاچي پاران ڀائٽي کي اغوا ڪرائي قتل ڪيو ويو آهي جا چئول بول ميڊيائي ۽ عوامي حلقن ۾ گردش گفتگو آهن.

بقايا | سنڌيار | 34

ٻڏجي وڃن ٿيون. پاڻ کي باهہ ڏئي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي يا جن کي ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي پران جي قيام کان وٺي اڄ تائين هن اسپتال ۾ اهڙو ڪوبہ ڪيس سامهون نہ آيو آهي جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ هي عمارت مالي ڪرپشن ڪانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي، جنهن جي حالت خراب آهي. هيءَ عمارت زبون ٿي وئي آهي، ڇت ڪري وئي آهي ۽ ڀتين ۾ درگاهون اچي ويون آهن، عمارت ۾ هن وقت بہ ادارا قائم آهن. هڪ ڳوٺائي صحت مرڪز ۽ ٻيو زچگي ۽ ٻارن جي سار سنڀال جو ڪم ڪري رهيا آهن. جن ۾ ڪل ٻارهن ڊاڪٽر ڪم ڪري رهيا آهن. سينٽر ۾ فرائض رورل هيلٿ سينٽر جي ايم ايس ڊاڪٽر عبدالصمد بروهي، ڊي وائيس آف ملير جي چيئرمين قاضي لطيف، ابراهيم بلوچ، شفيع محمد بلوچ، نذير احمد سنڌيلو ۽ ميڊيا پرسن منظور سولنگي، عبداللطيف، فيصل حيدر، جڏهن تہ مڪمل طور تي. ٻين سان تعاون ڪندي اسپتال جي ڪارڪردگي ۽ ٻين تفصيلن کان آگاهہ ڪيو. هن چيو تہ هي عمارت ملير جي وائيس چيئرمين ۽ ميڊيا ڪوآرڊينيٽر وائيس آف ملير جو جڏهن ان سلسلي ۾ ايم ايس شاهده سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ ان حوالي سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ ڪين آفيسر نہ مليا آهن. هو پنهنجي اعليٰ عملدارن جي حڪم تي هتي پنهنجا فرض سرانجام ڏئي رهيا آهن. انهي بيلو ۽ ڌمڪيون ڏنيون تہ مون کي پرواهہ ناهي تہ تون جا ڪنديس. ڊاڪٽر شاهده پاران انڪشاف ڪيو ويو تہ هوءَ نہ رڳو اسپتال ۾ مالي بي ضابطگين ۾ ملوث آهي پر الطبري اسپتال ۾ بہ ڊيوٽي تي آهي، ميٽرنٽي هوم بہ ناهي. شام ۽ رات جي وقت هڪ ليڊي ڊاڪٽر جنهن کان هوءَ فيس وصول ڪندي آهي. اهو بہ انڪشاف ٿيو آهي تہ هن کي ملير ۾ هڪ پاڪ ذات جو عشرت آهي. جيڪڏهن اعليٰ اختيارين اجازت ڏئي تہ ان تي ڌيان نہ ڏنو ويو تہ اهي ادارا قائم ڪيا ويا. عمارت ڍهي پٽ ٿيڻ سان نہ رڳو ملير جا ماڻهو تباهہ ٿي ويندا پر ڪنهن بہ وقت وڏو حادثو پيش اچي سگهي ٿو. هنن ادارن کي اپيل ڪئي آهي تہ ڪرپشن ۾ ملوث ماڻهن جي جاچ ڪرائي ذميوارن کي سزا ڏني وڃي تہ جيئن ڪين عبرتناڪ سزا ڏني وڃي. توهان جو مستقبل محفوظ ٿي سگهي ٿو

بقايا | سنڌيار | 35

ڀهريون ڀيرو ڪميونٽي پوليسنگ تحت چيمبر آف ڪامرس اينڊ سمال ٽريڊرز اينڊ ڪاريٽيج انڊسٽريءَ جي سهڪار سان مارڪيٽن جي داخلي ۽ خارجي رستن تي 100 اضافي گارڊ ۽ پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. امن امان ۽ ٽريفڪ جي رواني کي برقرار رکڻ لاءِ ڪمرشل سينٽرز ۽ پوليس اهلڪارن کي مقرر ڪيو ويو آهي، سکر پوليس مردم شماري جي اهم مورچن تي پنهنجا فرض بهتر نموني سرانجام ڏئي رهي آهي ۽ ڪچي ۾ ڌاڙيلن خلاف ڪارروائي ڪري رهي آهي، ٻئي طرف قانون ۽ امن امان جو ماحول مستحڪم آهي ۽ ٽريفڪ جي رواني کي برقرار رکيو ويو آهي. ڪميونٽي بيسڊ پوليسنگ لاءِ 100 تربيت يافتہ نوجوانن تي مشتمل هٿياربند سيڪيورٽي گارڊز ۽ PQR رضاڪار شهر جي مختلف داخلي ۽ خارجي رستن تي پوليس سان گڏ پنهنجا فرض سرانجام ڏيندا پوليس ترجمان موجب ڪراچي ڪانپوءِ سکر کي سنڌ جو ٻيو وڏو تجارتي مرڪز سمجهيو ويندو آهي، جتي بلوچستان سميت سنڌ جي مختلف ضلعن مان ماڻهو عيد جي خريداري ۽ ٻين ضرورتن لاءِ سکر شهر ڏانهن ويندا آهن. جنهن سان سکر جي سوڙهين گهٽين ۽ تجارتي مرڪزن تي رش هوندي آهي. جنهن سبب ٽريفڪ جام ٿي ويندي آهي. ٽريفڪ جام هجڻ ڪري شهرين کي پريشانين کي منهن ڏيڻو پيئي گذريل ڏينهن ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ واپاري برادري سان گڏجي انتظامن جو جائزو ورتو ۽ ڪميونٽي پوليسنگ تحت پوليس سان سهڪار ڪرڻ تي سموري واپاري برادري کي خراج تحسين پيش ڪندي اميد ظاهر ڪئي تہ مستقبل ۾ بہ پوليس سان ڀرپور سهڪار ڪندا. شهر جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ گڏيل ڪم ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 36

پوليس واقعي جي اين سي داخل، ايس ايڇ او ولايت شاهہ فون ڪٽڻ جي بدران واٽس نمبر بہ بند ڪري ڇڏي، شڪايت ڪنهن کي ڏيون شهري سهراب ڳوٺ ٿاڻي جي حد ۾ بدامني، هڪ ئي ڏينهن ۾ ڪيترين وارداتون ٿيون آهن ڪو بہ شهري ڏينهن ڏٺي بہ محفوظ ناهي، خانگي ٽي وي چينل جي رپورٽر انور مگسي کان موبائل، 10 هزار روڪ، اصل سڃاڻپ ڪارڊ ۽ ٻيو سامان ڦورو ڦر ڪري ويا. صحافي انور مگسي ٻڌايو تہ لاسي ڳوٺ بسم الله چوڪ وٽ ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار ڦورو مون کان موبائل فون، روڪ رقم ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري ويا، اطلاع ڏيڻ جي باوجود پوليس دير سان پهتي، ايس ايڇ او ولايت شاهہ کي شڪايت ڪئي تہ ڪافي دير بعد هڪ پوليس اهلڪار پهتو جنهن ٻڌايو تہ آدمشماري جي ڊيوٽي سان آهيون. نفري گهٽ آهي ان جي ڪري دير ٿي آهي. واقعي جي اين سي حد جي ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي آهي. شهرين شڪايت ڪندي چيو تہ ايس ايڇ او ولايت شاهہ فون ڪٽڻ جي بدران واٽس نمبر بہ بند ڪري ڇڏي، عوام جي شڪايت ڪٿي ٻڌندو ٻئي طرف ڪراچي جي صحافين عمران ميزان، بلاچ شاهاڻي، شفقت نوناري، نذير راڄپر، ممتاز شيخ ، آصف علي شاهاڻي، علي محمد پٿو دلدار سيلرو، غوث بگهيو ۽ ٻين مطالبو ڪيو تہ صحافي انور مگسي کان ڦريل رقم فوري واپس ڪري قلم ڌڻين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سهراب ڳوٺ ٿاڻي آڏو احتجاج ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 37

سان گڏ ٺٽي ۾ قائم رمضان بچت بازار جو دورو ڪري مختلف اسٽالن جو معائنو ڪيو ۽ صورتحال جو جائزو ورتو ان موقعي تي خاص مددگار صادق علي ميمڻ ڳالهائيندي چيو تہ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي خاص هدايتن تي سڄي سنڌ وانگر ٺٽي شهر سميت ضلعي جي مختلف شهرن ۾ پڻ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان ضلعي انتظاميہ پاران رمضان بچت بازارون قائم ڪيون ويون آهن تہ جيئن هن برڪتن واري مهيني ۾ عوام کي رليف فراهم ٿي سگهي. هن چيو تہ سستي رمضان بچت بازارن ۾ قيمتن ۽ معيار کي نظر ۾ رکندي ضروري شيون فراهم ڪيون پيون وڃن تہ جيئن غريب ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪري سگهن. وزير اعليٰ سنڌ جي خاص مدد صادق علي ميمڻ چيو تہ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت هر وقت ڪوششون وٺي رهي آهي ـ هن بچت بازار جي قيام تي ضلعي انتظاميہ جي ڪوششن کي پڻ ساراهيو ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر رياض حسين لغاري چيو تہ ضلعي انتظاميہ پاران ضلعي جي سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن، مختيارڪارن ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن کي واضع هدايتون جاري ڪيون ويون آهن تہ رمضان المبارڪ دوران مارڪيٽن، بازارن ۽ دڪانن تي اوچتا چاپا هنيا وڃن ۽ ناجائز منافع خورن ۽ ذخيرا اندوزي ڪندڙن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي تہ جيئن روز مرهہ استعمال وارين شين جي قيمتن تي ضابطو آڻي سگهجي. هن چيو تہ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ ضلعي انتظاميہ جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي.

بقايا | سنڌيار | 38

مسئلا حل ڪرائڻ جي گهر، تفصيل موجب سجاول ضلعي جو انتهائي پٺتي پيل ۽ سنڌو درياهہ جي ڪنڌي تي آباد ٿيل تاريخي شهر ٻنون حڪمرانن جي عدم توجهي ۽ بي حسي سبب هن جديد دور زماني ۾ بجلي واٽر سپلائي، ڊرينيج، سئي گيس سميت ٻين سمورين سهولتن کان محروم آهي، حيسڪو طرفان گذريل ڏهن سالن کان وٺي ٻنون ۽ آسپاس جي سوين ڳوٺن جي بجلي ڪاٽي وئي آهي، جنهن سبب ٻنون جا شهري متبادل طور سولر سسٽم ذريعي بجلي استعمال ڪري رهيا آهن، جڏهن تہ سال 1984 ع ۾ مرحوم محمد خان جوڻيجو دور ۾ واٽر سپلائي اسڪيم منظور ٿي هئي، جيڪا اڄ تائين رولڙي جو شڪار آهي، شهري 20 کان 30 روپين ۾ پاڻي جو في دٻو خريد ڪري ٿو، شهر ۾ ڊرينيج جو ڪوبہ نظام ناهي، تازو پبلڪ هيلٿ کاتي طرفان گهٽين جو اڌ ڪم ڪرائي فرار ٿي ويا آهن، ٻنون جي شهرين ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن عبدالڪريم پليجو، غلام عباس پليجو، پرڪاش حُسيني، عبدالرحيم قاضي، عبدالرزاق سومرو، سرفراز سومرو، ذين العابدين سومرو، شاهنواز پليجو عطا حيدري، سرفراز پليجو، چيتن ڪولهي، محمد علي سومرو ۽ ٻين شهر جي بجلي 10 سالن کان بند هئڻ سميت ٻيا ترقياتي ڪم نہ ٿيڻ خلاف سخت احتجاج ڪندي چيو تہ ٻنون جي عوام کي هر دور ۾ نظرانداز ڪيو ويو آهي، هتان جو عوام اڄ بہ سؤ سال اڳ واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي، هنن مطالبو ڪيو تہ ٻنون شهر جي بجلي کي بحال ڪرڻ سميت شهر جا سمورا بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 39

ڏيڻ بجاءِ رمضان جي پلاري مهيني ۾ اسان کي ٽينٽ سٽي خالي ڪرڻ لاءِ دٻاءُ ۽ تمام سهولتون واپس وٺڻ سان گڏ حراسان ڪري رهي آهي، متاثرين ڊي سي ملير فلاحي ۽ اين جي او تنظيمن کي کاڌ خوراڪ نہ ڏيڻ جون هدايتون ڏنيون آهن رمضان جي پلاري مهيني ۾ اسان جا معصوم ٻچا بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن، عورتون، نوجوان، بزرگ سنڌ حڪومت سميت ضلعي ملير انتظاميا سار نہ لڌي آهي، اسين ڪيترن مينهن کان ميڊيڪل بجلي پاڻي کان محروم آهن ملير خود اسان کي هتي رهڻ لاءِ چيو پر اسان کان ٽينٽ خالي ڪرائڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهي آهي ۽ حراسان ڪري رات جو ڪئمپ ٻاهريان فائرنگ ڪرائي ٿي خوف ڪري سڄي رات چوڪيدار وانگر پهرو ڏيڻو پوي ٿو اسين بلاول ڀٽو زرداري کي اپيل ڪيو ٿا تہ ڊي سي ملير کي هٽايو وڃي ۽ اسان کي سهولتيون واپس ڏنيون وڃن جيڪو توهان ٻوڏ متاثرين سان وعدو ڪيو هيو